روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 02 مئي 2023 ع بمطابق 11 شوال المڪرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 336

14 مئي کان اڳ اسيمبليون ختم ٿيون ته چونڊن لاءِ تيار آهيون: عمران خان

اسان تي ڌوهاري مسلط ڪيا ويا آهن. هو چونڊن کان پڇي رهيا آهن، اهي چونڊون ڪرائڻ چاهين ٿا جڏهن اهي سمجهن ٿا ته مان گمراهه ٿي ويو آهيان

سپريم ڪورٽ واضح طور چيو آهي ته پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ٿينديون. سپريم ڪورٽ چيو ته انهن سان ڳالهيون ڪيون

اڄ جي ڳالهين ۾ رڳو هڪ ڳالهه چوڻي آهي ته 14 مئي کان اڳ اسيمبليون ختم ڪيون وڃن ۽ چونڊن لاءِ تيار آهيون. جيڪڏهن هو سمجهن ٿا ته اسان سنڌن پلان ۾ ڦاسي پونداسين

انتظار ڪنداسين ته اليڪشن سيپٽمبر ۾ ٿيندي ته پوءِ ڪنهن غلط فهمي ۾ نه رهو، جيڪڏهن 14 مئي کان اڳ اسيمبليون ختم نه ڪيون ته پوءِ عدالت کي ٻڌائيندا

اسان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊون چاهيون ٿا، جيڪڏهن هنن آئين ٽوڙيو يا ججن خلاف ڪجهه ڪيو ته پي ٽي آءِ روڊن تي ايندي

تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ ۽ چيف جسٽس سان گڏ بيٺل رهندي، اڄ تائين معاشي صورتحال سبب پرامن احتجاج ڪيو آهي

لاهور(مانيٽرنگ ڊيسڪ)لاهور ۾ ريلي کي خطاب ڪندي پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو ته سياڻي جي ڳالهين ۾ اسان کي رڳو هڪ ڳالهه چوڻي آهي ته 14 مئي کان اڳ اسيمبليون ٽوڙيو وڃن، اسان گڏجي چونڊن لاءِ تيار آهيون. پي ٽي آءِ جي ريلي لبرٽي چوڪ کان شروع ٿي، ريلي ۾ ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ناصر باغ ۾ ڪارجي اندران جلسي کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پي ٽي آءِ جي ريلي ۾ تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان ڪار مان خطاب ڪري رهيو آهي

اسيمبليون بحال ڪرڻ جي درخواست اعتراضن سميت واپس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ)سپريم ڪورٽ رجسٽرار آفيس پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبلين جي بحالي جي درخواست اعتراضن سان واپس ڪري ڇڏي. شهري راءِ اشتياق احمد پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبليون بحال ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي رجسٽرار آفيس اعتراض ڪندي چيو ته درخواستگذار لاڳاپيل فورم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نواز شريف کي چور ڪوٺيندڙ ثاقب نثار جو پٽ چور نڪتو: مريم نواز

چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿي ٿينديون ۽ هن ڀيري آر ٽي ايس نه ويهندو، ڇاڪاڻ جو پرچو آئوٽ ٿي ويو آهي، پارليامينٽ پنهنجو فيصلو مڃائي رهندي

عمران خان سازش وسيلي اقتدار ۾ اچڻ جو رستو بند ڪري ته پورهيتن جون حالتون ٺيڪ ٿي وينديون، 2 روپين واري ماني 25 روپيا ٿيڻ جي ذميواري عمران خان جي سموري گينگ آهي

ثاقب نثار هجي يا فيض حميد، اهي سڀ گينگ جو حصو هئا. ثاقب نثار اڄ به عمران خان کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائي رهيو آهي

هاڻي چون ٿا اسيمبليون بحال ڪيون وڃن، ڇا هي ملڪ توهان جي وڏن جو آهي، پارليامينٽ جو فيصلو سڀني کي مڃڻو پوندو، ملڪ جو آئين سُپريم آهي ته پارليامينٽ به سُپريم آهي

جسٽس کوسا چيو ته مون وٽ اچو، نواز شريف کي رستي تان هٽائي ڇڏيندس. هو چاهين ٿا ته جلد چونڊون ڪرايون وڃن، هي صورت ۾ اليڪشن ڪٽڻ وارو ڪير به نه هوندو

عمران پاڻ جنرل باجوه جي درخواست تي اسيمبليون ٽوڙڻ جو چيو. ثاقب نثار اڃا تائين عمران کي آڻڻ لاءِ زور لڳائي رهيو آهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جو چوڻ آهي ته جنهن نواز شريف کي چور چيوان جو پنهنجو پٽ به چور نڪتو مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته وزيراعظم ڏکين حالتن باوجود مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 35 هزار رپيا مقرر ڪئي، مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 40 هزار رپيا هجڻ گهرجي. پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهي آهي

حڪومت چونڊن واري معاملي تي ڊگهي وقفي جو مطالبو ڪيو آهي: شاهه محمود قريشي

اسحاق ڊار ٻڌائي ته جيڪڏهن خواجه آصف ۽ جاويد لطيف سنڌس پارٽي جو حصو آهن ته ڳالهين ۾ چورڪاوٽون وجهي رهيا آهن؟

حڪومت کان چونڊن تي ڳالهين ۾ ڊگهي وقفي جو مطالبو ناهي ڪيو، حڪومت کان به سيٽون طلب ڪيون آهن

ٽين سيٽ سياڻي آهي، جيڪڏهن حڪومتي اتحاد ۾ اتفاق نه ٿيو ته پوءِ حڪومت جو ساٿ ڏين

پارٽي پنهنجو نقطه نظر سپريم ڪورٽ ۾ ڪٽندي، عدالت ۾ پيش ڪندي

راولپنڊي(مانيٽرنگ ڊيسڪ)تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي جو چوڻ آهي ته حڪومت چونڊن جي معاملي تي ڳالهين ۾ ڊگهي وقفي جو مطالبو ڪيو آهي.راولپنڊي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ٽيم جي سربراهه شاهه محمود قريشي چيو ته اسحاق ڊار ٻڌائي ته جيڪڏهن خواجه آصف ۽ جاويد لطيف سنڌس پارٽي جو حصو آهن ته ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راولپنڊي: تحريڪ انصاف اڳواڻ شاهه محمود قريشي ۽ ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار (فائيل فوٽو)

اين آءِ آر سي ۾ 8 ميمبرن جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مزدورن جي عالمي ڏينهن تي وزيراعظم شهباز شريف مزدورن ۽ پورهيتن کي تحفو ڏنو حڪومت نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن جي 8 ميمبرن جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو سڌ سماءَ واري وزارت وفاقي ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي ريليون، پيٽا پيش

نوشهرو فيروز ۾ شڪاگو جي شهيدن جي ياد ۾ ريلي مزدور اتحاد زنده آباد جا زوردار نعره هنيا

مزدور يونين پاران گلاب لغاري حيدرآباد روڊ کان پيادل ريلي ڪڍي گلاب لغاري پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

هن مهانگائي جي دور ۾ به مزدورن سان ناانصافي ٿي رهي آهي جيڪا اجرت ملڻ گهرجي: اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندو وٽان) گلاب لغاري ۾ گلاب لغاري: گلاب لغاري ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سوين مزدورن پاران هٿن ۾ بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي شڪاگو جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪئي وئي ان سلسلي ۾ عوامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پ پ پورهيتن جي پارٽي آهي، مزدور هاري اسانجو اثاثو آهن: شرجيل ميمڻ

ملڪ ۾ مزدورن جي بهتري لاءِ جيڪي به پاليسيون جوڙيون ويون آهن انهن جو ڪريڊٽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڏانهن وڃي آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي پهرين مزدور پاليسي ڏئي مزدورن کي تحفظ فراهم ڪيو

ڪراچي (رپورٽر)اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي پورهيتن ۽ هارين جي پارٽي آهي، ملڪ جا مزدور ۽ هاري پيپلز پارٽي جو قابل فخر اثاثو آهن شرجيل انعام ميمڻ پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بدين: پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي قومي عوامي تحريڪ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڪڍيل ريلي جو ڏيک

فضل الرحمان جو انڪار جمهوريت جي خوبصورت نشاني قرار

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جون ڳالهيون سٺي نموني سان ڪم ڪري رهيون آهن: ڪشور زهرا

اتحادي حڪومت جي حڪمت عملي ملڪ کي بچائڻ آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومتي ڳالهين واري ٽيم جي ميمبر ڪشور زهرا جو چوڻ آهي ته پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان جو ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عالمي ڏينهن، مزدورن جي ٻارن لاءِ يونيورسٽي ٺاهيون پيا: ساجد حسين طوري

ڊاڪٽر بڻجي انجنيئر ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا

اسڪالرشپ جي رقم 1500 مان وڌائي 6000 ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ٻارن جي يونيفارم ۽ اسٽيشنري جي رقم ٻيڻي ڪئي وئي آهي

سڄي دنيا ۾ پاڪستاني مزدورن کي 39 لک رپيا ادا ڪيا ويا آهن. هڪ سال جي مدي ۾ ساڍا 8 لک ماڻهن کي روزگار لاءِ پرڏيهه موڪليو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اوورسيز پاڪستانين واري وفاقي وزير ساجد حسين طوري چيو آهي ته اي او بي آءِ ملازمن جي پينشن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي، مزدورن جي ٻارن کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ يونيورسٽي ٺاهي پئي وڃي ته جيئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ ۾ صحافين تي حملن ۾ 60 سيڪڙو واڌ، فريڊم نيٽ ورڪ جي رپورٽ

صحافت لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطري واري جڳهه اسلام آباد آهي جتي 56 يا 40 سيڪڙو پيچڪڙيون ٿيون: رپورٽ

پنجاب ٻي بدترين جڳهه آهي جتي 35 (25 سيڪڙو) پيچڪڙين جا ڪيس رپورٽ ٿيا

مئي 2022 کان مارچ 2023 وچ ۾ حملن جو انگ 63 سيڪڙو وڌي 140 ٿي ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ گذريل هڪ سال اندر صحافين، ميڊيا پروفيشنلز ۽ آرگنائيزيشنز جي خلاف ڌمڪين ۽ حملن جا گهٽ ۾ گهٽ 140 ڪيس رپورٽ ٿيا جيڪو ساليانو بنيادن تي 60 سيڪڙو اضافو آهي ميڊيا رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته فريڊم نيٽ ورڪ پاران تيار ڪيل پاڪستان پريس فريڊم رپورٽ مطابق صحافت لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطري واري جڳهه اسلام آباد آهي جتي 56 يا 40 سيڪڙو پيچڪڙيون ٿيون پنجاب ٻي بدترين جڳهه آهي جتي 35 (25 سيڪڙو) پيچڪڙين جا ڪيس جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پرويز الاهي جي معاملي ۾ اختيار ڪيل طريقي ڪار قبول ناهي: چوڌري شجاعت

ڪجهه ماڻهو ايشوز کي غلط رنگ ڏئي عجيب ڪيفيت پيدا ڪرڻ چاهين ٿا

ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس رات جو پرويز الاهي جي گهر وئي

اسلام آباد (م د) ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت حسين چيو آهي ته پرويز الاهي جي معاملي ۾ اختيار ڪيل طريقي ڪار قبول ناهي، ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه مزدورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مزدور اڳواڻن جي وفد سان بيٺل آهي

عمران خان جي حڪومت ۾ پورهيتن، هارين ۽ پگهاردار طبقي تي تاريخي ظلم ٿيو: بلاول ڀٽو

پيپلز پارٽي پورهيتن جي حقن تي ڪنهن به مصلحت جو شڪار نه ٿيندي. مزدور خوشحال هوندو ته پاڪستان خوشحال هوندو

ايندڙ چونڊن ۾ جيڪڏهن عوام مينڊيٽ ڏنو ته پورهيتن جي لاءِ بينظير مزدور ڪارڊ جهڙيون اسڪيمون شروع ڪنداسين

اها به تاريخ رهي آهي ته هن ملڪ ۾ پورهيت طبقي جي حقن جي ڳالهه ۽ ان تي عمل جي شروعات پيپلز پارٽي کان پوءِ شروع ٿيو

ڪراچي (م د) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي دور ۾ جيترو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پرڏيهي وزير ۽ پ پ جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري

سيڪيورٽي خدشا، پشاور ۾ 3 ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو

پابندي سيڪيورٽي جي نازڪ صورتحال کي نظر ۾ رکندي لاڳو ڪئي وئي آهي: ڊي سي

خلاف ورزي ڪندڙن خلاف قلم 188 تحت ڪارروائي ڪئي ويندي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشاور شهر ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب ٽن ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر پشاور شاهه فهد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ ۾ انتشار پکيڙيندڙ سان ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟ جاويد لطيف

دباءُ هيٺ دهشتگرد گروپ سان ڳالهيون ڪرڻ پاڪستان جي دفاع تي سمجهوتو ڪرڻ برابر آهي

عمران خان کي واپس آڻڻ لاءِ سهولتڪاري ڪئي پئي وڃي

دهشتگردن سان ڪڏهن به ڳالهيون نه ٿينديون آهن. پيٽرول بم اڇلائڻ وارن ۽ جيڪي عالمي طاقتن جا اوزار آهن

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي وزير ۽ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته دباءُ هيٺ دهشتگرد گروپ سان ڳالهيون ڪرڻ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

وفاقي وزير ۽ مسلم ليگ ن اڳواڻ جاويد لطيف

لاهور ريلي، اليڪشن ڪميشن جو عمران خان کي نوٽيس

ضلعي مانيٽرنگ آفيسر عمران خان کي لکت ۾ نوٽيس پڻ موڪلي ڇڏيو

اميدوارن تي پابند آهي ته هو جلسن ۽ جلوسن کان اڳ ضلعي انتظاميا کي آگاهه ڪن: نوٽيس جو متن

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف جي اڄوڪي ريلي کي ضابط اخلاق جي ڀڃڪڙي قرار ڏئي ڇڏيو لاهور جي ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آڊيو ليڪس ثاقب نثار جو ڪردار بي نقاب ڪري ڇڏيو: راڻا ثناءُالله

عمران خان کي سازش تحت مڙهيو ويو. پي ٽي آءِ حڪومت جي نااهلي سبب ملڪ ۾ دهشتگردي ڪر کنيو

پي ٽي آءِ حڪومت ڇاٽي واڻي ايل اين جي درآمد نه ڪئي

ملڪ ۾ سمورن وڏن منصوبن جو ڪريڊٽ مسلم ليگ (ن) ڏانهن وڃي ٿو

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته آڊيو ليڪس ثاقب نثار جو ڪردار بي نقاب ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ ٽڪيٽ ڏيارڻ جي لاءِ ڊيڊ ڪروڙ روپيه گهريا ويا.هڪ تقريب کي خطاب دوران راڻا ثناءُالله چيو ته سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ثاقب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فائز عيسيٰ جسٽس احمد شيخ ۽ جسٽس مسرت جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرري لاءِ سفارش ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جسٽس احمد علي شيخ ۽ جسٽس مسرت جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرري جي سفارش ڪري ڇڏي. رپورٽ موجب سپريم ڪورٽ ۾ ٻن ججز جي مقرري جي معاملي ۾ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جوڊيشل ڪميشن جي ميمبرن کي خط لکي ڇڏيو پنهنجي خط ۾ جسٽس فائز عيسيٰ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايبٽ آباد: وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد عباسي عوامي ميڙ کي خطاب ڪري رهيو آهي

پيپلز پارٽي مزدورن جي جدوجهد ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي: ناصر شاهه

پاڪستان جي ترقي مزدورن جي خوشحالي تي منحصر آهي

پورهيت طبقو ڪنهن به ملڪ يا سماج جي ترقيءَ ۾ ريڙهه جي هڏي وانگر هوندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) بلديات کاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پيپلز پارٽي مزدورن جي جدوجهد ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر سرفراز چيمه خلاف عورت کي اغوا ڪرڻ جو ڪيس داخل

ڪکڙ ٽاٽي ۾ مهوش نالي عورت جي مدعيت ۾ هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو

عمر سرفراز چيمه ۽ تنوير صفدر جي چوڻ تي مون کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: عورت

گوجرانوالا (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ ۽ اڳوڻي پنجاب جي گورنر عمر سرفراز چيمه خلاف عورت کي اغوا ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب گوجرانوالا ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي پنجاب جي گورنر عمر سرفراز چيمه خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: اڳوڻو گورنر اقبال ظفر جهڳڙا جو پٽ سينيٽر اڳواڻ انجنيئر امير مقام سان ملاقات ڪندي

بلوچستان ۾ برسات ۽ طوفاني هوائن سبب زندگي جو نظام متاثر

هرنائي کان علاوه لورالائي، ڪوه سليمان رينج، چمن، قلعه عبدالله، پشين، قلعه سيف الله ۾ برسات پئي

سنڌ بلوچستان جي ٻن اهم قومي شاهراهن جا شگاف مٽي سان پرجي ويا

ڪوئيٽا_ڪراچي هاءِ وي تي لسبيلاءِ ڪوئيٽا_سبي هاءِ وي تي بولان ۾ ٽاٽل هلڪي ٽريفڪ کي بحالڻ جو عمل شروع ڪيو ويو

ڪوئٽه (مانيٽرنگ ڊيسڪ)بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ تيز هوائن سان گڏ برسات سبب زندگي جو نظام سخت متاثر ٿيو آهي، هرنائي کان علاوه لورالائي، ڪوه سليمان رينج، چمن، قلعه عبدالله، پشين، قلعه سيف الله، نوشڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مهانگين هائوسنگ سوسائٽين ۾ اضافو خطرناڪ قرار

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) جو چوڻ آهي ته وڌندڙ سياسي ڇڪتاڻ پارلياماني بالادستي کي نقصان پهچايو آهي ۽ مهانگي هائوسنگ سوسائٽين جو اپار پريشان ڪندڙ آهي جو ته ان سان زرعي زمينون ضايع ٿينديون. ايڇ آر سي پي جي ڇهن مهينن واري اجلاس ۾ ملڪ جي خراب معاشي صورتحال، چائلڊ ليبر ۽ غربت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪوئيٽا: قومي شاهراهن جا شگاف مٽي سان پريل نظر ايندي

پي ٽي سي ايل جا 40000 پينشنرز ۾ 12000 بيواهه به شامل

پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جا اختيار پي ٽي سي ايل جا 800 ملين ڊالرز جا قرض ۽ ٻيا معاملا خوش اسلوبي سان حل ڪرڻ چاهين ٿا: وزيراعظم /اسحاق ڊار

ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ته اسان پينشنرز کي به ياد ڪيو وڃي: پي ٽي سي ايل جي پينشنرز جو گڏيل بيان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ۽ ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار وفاقي ناڻي واري وزير کي اپيل ڪئي آهي ته اخباري رپورٽن موجب پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جا اختيار پي ٽي سي ايل جا 800 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار 4 يا 5 جون تي بجيٽ پيش ڪندو

قومي اسيمبلي جو بجيٽ اجلاس جون جي پهرين هفتي ۾ ٿيندو

ترقياتي فنڊز تي به اهم فيصلا ڪندي ان تي عمل تيز ڪيو ويندو: ذريعا

اسلام آباد (م د) ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار اتحادي پارٽين سان تجويزون وٺڻ کان پوءِ 4 يا 5 جون تي بجيٽ پيش ڪندو قومي اسيمبلي جو بجيٽ اجلاس جون جي پهرين هفتي ۾ ٿيندو جڏهن ته ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار 4 يا 5 جون تي بجيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پورهيتن جي عالمي ڏينهن تي به پورهيت پيٽ گذر لاءِ مزدوري ڪري رهيا آهن

فلور ملز ايسوسيئشن بليڪ ميل ڪري رهي آهي: سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ

فلور ملز کي ڪراچي ۾ 10500 روپين ۾ ڪڻڪ جي ٻوري ڏني وئي آهي

سنڌ جي خوراڪ کاتي موجب ڪڻڪ جي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) خوراڪ کاتي موجب فلور ملز ايسوسي ايشن بليڪ ميلنگ ڪري رهي آهي، ڪراچي جي فلور ملز کي 15 اپريل کان هيئنر تائين 4 لک ڪڻڪ جون ٻوريون ڏنيون ويون آهن. فلور ملز کي ڪراچي ۾ 10500 روپين ۾ ڪڻڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪوڙي آدم شماري کي سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو رد ڪري چڪا آهن: قومپرست

جعلي آدم شماري قبول ناهي، ڊجيٽل آدم شماري ذريعي سنڌ کي نشانو بڻايو پيو وڃي: اياز لطيف پليجو

اسين وزيراعظم شهباز شريف، آصف زرداري، مخالف ڌر جي وڏي جماعت پي ٽي آءِ کي چئون ٿا ته توهان جي ايجنڊا ۾ سنڌ ناهي

اسين عدالتن کي به چئون ٿا ته توهان فڪرمند آهيو ته لاهور تي حڪمراني ڪير ڪندو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي، تنظير جانثارن سنڌ جي صدر شفيق حيدر موسوي، جيئي سنڌ محاذ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ ۽ نيويارڪ کي به گڏيل رياستون قرار ڏيڻ جي تجويز

چيئرمين امريڪي پاڪستاني پبلڪ افيئرس ڪميٽي ڊاڪٽر اعجاز احمد سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري جي اعزاز ۾ آجيان ڪئي

ڪامران ٽيسوري ۽ فل راموس ڳالهه ٻولهه دوران سنڌ ۽ نيويارڪ کي ٽوئن اسٽيٽس قرار ڏيڻ جي تجويز تي وڌيڪ غور ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو

ٽوئن اسٽيٽس سنڌ ۽ نيويارڪ جي يونيورسٽين، اسپتالن ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ تعاون کي وڌائيندو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري نيويارڪ اسٽيٽ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر فل راموس سان سنڌ ۽ نيويارڪ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

"گوادر حق ڏيو تحريڪ" جي اڳواڻ جي آزادي لاءِ احتجاج

دهشتگردن ۽ ملڪ جو قيمتي ناڻو لٽڻ وارن جون منٿن ۾ ضمانتون ٿيو رهن: محمد حسين محنتي

ڪرپٽ ٽولي خلاف حق جو آواز بلند ڪرڻ تي مولانا هدايت الرحمن کي قيد ڪيو ويو آهي

ڪراچي(رپورٽر) جماعت اسلامي جي مرڪزي امير سراج الحق جي اپيل تي گوادر جي هردلعزيز اڳواڻ مولانا هدايت الرحمن جي آزادي لاءِ ٿيندڙ ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عمرڪوٽ ۾ ناري کي اغوا ڪري زيادتي جو نشانو بڻائڻ جو انڪشاف

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ ۾ جوابدار پاران مبينا طور اغوا ڪرڻ بعد ناري سان زيادتي، جوابدار پاران مبينا طور اغوا ڪرڻ بعد ناري سان زيادتي ڪئي وئي.زيادتي جو نشانو بڻايل ناري وارثن سان گڏ احتجاج ڪندي چيو ته سڪو عرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جي ڊي اي جي اڳوڻي ايم پي اي معظم عباسي جي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار جونيئر سان ملاقات

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جي ڊي اي جي اڳوڻي ايم پي اي معظم عباسي جي المرتضيٰ هائوس ۾ فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار جونيئر سان ملاقات معظم عباسي فاطمه ڀٽو ۽ سندس ور گراهم جبران کي شاديءَ جون واڌايون ڏنيون ۽ گلن جا هار ڀهرايا.جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نيوزيلينڊ کي برطانيا کان آزاد ۽ پاڻ پروڊسڻ چاهيان ٿو: ڪرس هپڪنز

وقت سان گڏوگڏ نيوزيلينڊ هڪ مڪمل طور آزاد مُلڪ جي حيثيت سان اڀرندو

دنيا جي ٻين اُسريل مُلڪن وانگر پنهنجن پيرن تي بيهي ڏيکاريندو

ويلنگٽن (م د) نيوزيلينڊ جي وزيراعظم ڪرس هپڪنز چيو آهي ته هو پنهنجي مُلڪ کي برطانيا کان آزاد ٿيندي ڏسڻ چاهي ٿو پرڏيهي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

مورو ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سوين مزدورن پاران ريلي

بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ريلي جي اڳواڻي شاهد راهو، خالد ٻگهيو، امير لغاري، رضوان، مختيار، نياز، امير بخش ڪئي

سنڌ ۾ مزدور جو اولاد تعليم ۽ گهرياتي صحت جي سهولتن کان به محروم ٿيل آهن: مزدور اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سوين مزدورن پاران هٿن ۾ بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان سلسلي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي، حمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پريس ڪلب وارهه جو اجلاس
صدر طالب حسين چانڊيو
جي زير صدارت منعقد

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب وارهه جو اجلاس صدر طالب حسين چانڊيو جي زير صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو هلائي اجلاس ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو، نائب صدر عبدالجبار تنيو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

پهرين مئي جي پورهيت شهيدن کي ڀيٽا لاءِ عوامي هائوس کان شهيد فاضل راهو تائين ريلي

پورهيت نظام جي قيام بعد ئي مزدور سک جو ساهه کڻي سگهندا سرمائيداري نظام سفاڪ نظام آهي

عوامي تحريڪ وارهه طرفان 1 مئي جي شهيدن جي ياد ۾ عوامي هائوس وارهه کان ريلي ڪڍي وئي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) پهرين مئي [illegible] چونڪ تائين ريلي ڪڍي وئي، پورهيت نظام [illegible] جنهن پورهيت جو رت پيتو آهي / اڳواڻ/ عوامي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي قومي عوامي تحريڪ پاران ريلي

قاضيا واهه چوڪ کان پريس ڪلب تائين شاهنواز سيال سانول جي اڳواڻي ۾ ريلي

زين شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪڍيل ريلي ڪڍي وئي، شهيدن کي خراج تحسين پيش

سامراج ۽ ان جا سرمائيدار جاگيردار وڏيرا اڄ به پورهيتن سان ظلم جاري رکيو پيا اچن: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضى ميمڻ) پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي قومي عوامي تحريڪ [illegible] قاضيا واهه چوڪ کان پريس ڪلب تائين شاهنواز سيال سانول [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

احمدپور لڳ نجي اسڪول جي
استاد جي چوري موٽر
سائيڪل پوليس واپس نه ٿي

احمدپور (رپورٽ) احمدپور لڳ نجي اسڪول جي استاد جي چوري موٽر سائيڪل پوليس واپس نه ڪرائي سگهي، احتجاج ايس ايس پي خيرپور کان چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ جو مطالبو رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ غلام حسين لاکو جي رهواسي نجي اسڪول جي استاد عبدالحئي لاکو جي هڪ هفتو اڳ خواجه ڳوٺ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين: قومي عوامي تحريڪ پاران پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر صلاح الدين احمد جي هدايتن تي چورن خلاف ڪارروائيون

منگوپير روڊ تي واٽر بورڊ جي 66 انچ لائين مان به غير قانوني ڪنيڪشن تي رهيا هئا

غير قانوني ڪنيڪشن جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي چار جوابدارن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيا

جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏيارڻ لاءِ سندن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: عملدار

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خصوصي هدايتن تي عملدرآمد ڪندي واٽر بورڊ انتظاميا پاران پاڻي چورن خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيون ترجمان واٽر بورڊ موجب گذريل رات ساڍي ٽين وڳي منگوپير روڊ تي واٽر بورڊ جي 66 انچ لائين مان ۽ غير قانوني ڪنيڪشن تي رهيا هئا. ان سلسلي ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايچ ٽي ايم عبدالواحد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر ۾ پروفيسر اظهار حسين ناري سان رنگ رليون ملهائيندي پڪڙجي پيو، ٺاهوڪو ڪٽڪو

پروفيسر اظهار حسين عرف علي گل قريشي گهرڌڻين هٿان پڪڙجي پيو، رسن سان ٻڌي سخت تشدد

اظهار حسين ڳوٺ جي ماستر جي گهر اندر گهڙي ناري سان رنگ رليون ملهائي رهيو هيو ته ڀاتي سجاڳ ٿيا

پروفيسر جو پاءُ ڊي او ايجوڪيشن پرائمري اطهر حسين قريشي پهتو، ساڃاهه وندن پاران سخت ڪارروائي جي گهر

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) تعليمي کاتي سکر جو پروفيسر اظهار حسين عرف علي گل قريشي سڱ سوڌو هٿين ناري سان رنگ رليون ملهائيندي گهرڌڻين هٿان پڪڙجي پيو پروفيسر کي رسن سان ٻڌي سخت تشدد ڪرڻ بعد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: رنگ رليون ملهائيندي سوگهو ڪيل پروفيسر اظهار قريشي جو فائيل فوٽو

مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي
پ پ پ شهيد ٻينظير آباد ضلع ايسٽ
پاران ريلي، احتجاجي مظاهرو

ملير (رپورٽر) مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي پ پ پ شهيد ٻينظير آباد ضلع ايسٽ جي صدر حاجي بگن خاصخيلي جي سربراهي ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي حقن لاءِ احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو جنهن ۾ ضلع ايسٽ جي صدر حاجي بگن خاصخيلي جنرل سيڪريٽري طارق سيال سنڌ ڪائونسل ميمبر ڪامريڊ عبدالمنان چانڊيو، رشيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مختلف مزدور تنظيمن پاران ريلي

سوين مزدورن ليبر هال کان مزدور اڳواڻن ڪامريڊ عرس سيلرو، وهاب پندراڻي پاران ريلي ڪڍي وئي

قربان سومرو، شاهد ڪتياڻ، ابراهيم بلوچ، قادر بخش سيلرو، سڪندر سيلرو، غفار پندراڻي مظاهرو ڪيو

مزدور سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن، مزدور کي حالتن مطابق اجرت نه ٿي ڏني وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

شهدادڪوٽ (شاهد اعواڻ) شهدادڪوٽ پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مختلف مزدور تنظيمن پاران ريليون ڪڍيون ويون. شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي شهدادڪوٽ ۾ سوين مزدورن ليبر هال کان مزدور اڳواڻن ڪامريڊ عرس سيلرو، وهاب پندراڻي، گل جان بروهي، نادر مگسي، گلاب جان بلوچ، قربان سومرو، شاهد ڪتياڻ، ابراهيم بلوچ، قادر بخش سيلرو،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز جماعت اسلامي پاران مولانا هدايت الرحمان بلوچ جي آزادي جي حوالي سان ريلي

جماعت ضلع نوشهرو فيروز محمد شبير خانزاده جي اڳواڻيءَ ۾ ڪارڪنن ريلي ڪڍي گشت ڪيو

ملڪ لوڙن تي پيو هلي حق سچ ڳالهائڻ تي عوام کي جيلن ۾ بند ڪيو پيو وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

مزدورن جي عالمي ڏينهن تي مطالبو ٿا ڪريون جلد مزدور اڳواڻ مولانا هدايت الله بلوچ کي آزاد ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) جماعت اسلامي پاران مولانا هدايت الرحمان بلوچ جي آزادي ۽ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان امير جماعت ضلع نوشهرو فيروز محمد شبير خانزاده جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي جيڪا اسلامڪ لائبريريءَ کان نڪتي جيڪا نيشنل پريس ڪلب پهتي جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي امير جماعت اسلامي ضلع نوشهرو فيروز محمد شبير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مزدور ڊي جي حوالي سان
ڪنڊيارو ۾ پاڪستان
تحريڪ انصاف پاران ريلي

ڪنڊيارو (رپورٽر) مزدور ڊي جي حوالي سان ڪنڊيارو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران صلاح الدين ڪليري امان الله گهانگهرو عبدالرزاق ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان پهتا جتي اڳواڻن چيو ته مزدور ملڪ جو سرمايو آهي هر ملڪ جي ترقي ۾ مزدور جي محنت هوندي آهي پر بدقسمتي سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: جماعت اسلامي پاران پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي نياڻين کي راندين جي ميدان ۾ صلاحتين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ فٽبال ٽورنامينٽ منعقد

ديا فٽبال ايسوسيئشن پاران پهريون ديا انڊر 18 گرلز انٽر ڊسٽرڪٽ فٽبال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو

ٺٽو، ڪراچي فٽبال ڪلب، عمرڪوٽ، ڪراچي پنڪ، حب ۽ ميرپورخاص جي گرلز ٽيمن حصو ورتو

سنڌ جي نياڻين کي ملڪي سطع تي متعارف ڪرائڻ لاءِ اهڙا مقابلا شروع ڪيا آهن: سعديه شيخ

ٺٽو (د ر) سنڌ جي نياڻين کي راندين جي ميدان ۾ لاهي سندن اندر صلاحتين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ديا فٽبال ايسوسيئشن پاران پهريون ديا انڊر 18 گرلز انٽر ڊسٽرڪٽ فٽبال ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ٺٽو، ڪراچي فٽبال ڪلب، عمرڪوٽ، ڪراچي پنڪ، حب ۽ ميرپورخاص جي گرلز ٽيمن حصو ورتو. منعقد ڪيل تقريب ۾ آغا خان يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر بشر جميل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپور ناٿن شاهه ۾ انڊس هاءِ وي تي ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نينگر فوت

پي جي پمپ ڀرسان تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 7 سالن جو نينگر زاهد حسين فوت

معصوم نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، امڙ کي بيهوشي جا دورا

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ انڊس هاءِ وي تي ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل معصوم نينگر فوت ٿي ويو تفصيل موجب گذريل ڏينهن خيرپور ناٿن شاهه انڊس هاءِ وي باءِ پاس روڊ لڳ ايل پي جي پمپ ڀرسان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ پاڪستان ٽريڊ يونين ڊفينس ڪئمپين پاران عالمي ڏهاڙي تي ريليون

موريل پنهور انور پنهور رفيق پنهور ضمير ڪوريجو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

مزدورن کي نه پورو اجورو ٿو ملي ۽ نه ئي انهن لاءِ ڪا پاليسي ٿي جوڙي وڃي: مظاهرين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هن سال به شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پاڪستان ٽريڊ يونين ڊفينس ڪئمپين (PTUDC) جي طرفان هائوز ليبر هال کان پريس ڪلب دادو تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو: پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

ملڪ جي ترقي جو بنياد گهڻو ڪري مزدور جي محنت سان ٿيندو آهي: اڳواڻ

سرمائيدار طبقي ملڪ جي قانون کي هڪ پاسي ڪري هميشه مزدور دشمني ڪئي آهي

سرڪاري اعلان جي باوجود اڄ به مزدورن کي مناسب اجرت نٿو ملي مزدورن کي موڪل ناهي ملي

گهارو (بشار جوکيو) ڪنهن به ملڪ جي ترقي جو بنياد گهڻو ڪري مزدور جي محنت سان ٿيندو آهي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور شهر ڀرسان مٺڻ انڊس هاءِ وي تي چمني شاخ لاڙو ٽوٽ حادثو، نينگري فوت

روڊ ڪراس ڪار ڪندڙ نينگري تي ٽڪر لڳڻ سبب اُن درهين جي نينگري فوت ٿي وئي

سامهون انڊس تيز رفتار ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي ۽ ڏي تي جيپائتي فوت ٿي وئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر ڀرسان [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهوٽڪي ۾ به ليبر ڊي يونين جي ميمبرن طرفان وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

ڊاڪٽر مهتاب سومرو - مزدور - ريڙهي يونين جي صدر محمد مل گهوٽو ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ پيپلز يونين ايريگيشن جي صدر عبدالغني لاکو - غلام نبي سومرو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

گهوٽڪي (رپورٽ: الياس سومرو) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز ۾ ٺڳ همراهه گوٺاڻي جا پئسا اي ٽي ايم مان ڪڍي فرار ٿي ويو

اي ٽي ايم ڪيبن ۾ بيٺل هڪ شخص ڳوٺاڻي کان پئسا ڪڍي ڏيڻ لاءِ ڪارڊ ورتو

ٺڳ پنهنجو ڪارڊ اي ٽي ايم ۾ وجهڻ جو بهانو ڪري ڳوٺاڻي جا 25 هزار ڪڍي ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ٺڳ همراهه ڳوٺاڻي جا پئسا اي ٽي ايم مان ڪڍي فرار ٿي ويو، ڳوٺاڻو راشد پنهور پئسا ڪڍرائڻ لاءِ مقامي بئنڪ جي اي ٽي ايم ڪيبن ۾ پهتو ته اي ٽي ايم ڪيبن ۾ بيٺل هڪ شخص ڳوٺاڻي کان پئسا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پهرين مئي تي ٽنڊو غلام حيدر ۾ ريلي

مزدورن جي ماهوار اجرت 50000 هزار رپيه مقرر ڪرائڻ لاءِ ايگريڪلچر جنرل ورڪر مظاهرو ڪيو

ڪامريڊ عبدالمجيد سنئين؛ اختر علي سنئين؛ لالا احمد سنئين؛ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ: ميرحسن رند) پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پهرين مئي تي شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪرڻ سنڌ جي مزدورن جي ماهوار اجرت 50000 هزار رپيه مقرر ڪرائڻ لاءِ سنڌ / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو غلام حيدر: پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

پي ٽي آءِ جي اڳواڻ ڊي آءِ خان جي ميئر عمر گنڊا پور کي اڳواڻن پاران آجياڻو فراهم

تعلقي صدر راضي خان جاگيراڻي جي رهائش گاهه تي عمر ايوب گنڊا پور خطاب ڪيو

راضي خان جاگيراڻي پاڻ ۽ ٻين آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پي ٽي آئي جي اڳواڻن ڊي آئي خان جي ميئر عمر گنڊا پور ۽ ڊپٽي ميئر ۽ پي ٽي آئي جا سکر جا اڳواڻ موجود هئا ان واقعي تي تعلقي صدر راضي خان جاگيراڻي جي رهائش گاهه تي عمر ايوب گنڊا پور خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان ۾ ٽئين ڏينهن برسات جي وسڪاري جو سلسلو جاري رهيو

جمع ٿيڻ ۽ نيڪال جو بندوبست نه ٿيڻ تي عملدارن جي پت وائکي ٿي وئي

ٻلڙي شاهه ڪريم، ٽنڊو غلام حيدر جي ننڍن وڏن شهرن ۾ پڻ برسات جاري رهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ٽئين ڏينهن برسات جي وسڪاري جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو. علائقي ۾ برسات جو پاڻي روڊن رستن تي جمع ٿيڻ ۽ نيڪال جو بندوبست نه ٿيڻ تي عملدارن جي پت وائکي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شهر جي قديم ۽ تاريخي بابا غريب داس مندر ۾ سنت بابا گرداس رام جي ورسي

گادي نشين صوفي سنت بابا گرداس رام جي ائيتاليهن ورسي جون تقريبون شروع ٿي ويون

ڪشمور بڊاڻي بخشاپور ڪنڌڪوٽ ڪرمپور ٺل ۽ ٻين مختلف علائقن مان زائرين پهتا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر جي قديم ۽ تاريخي بابا غريب داس مندر ۾ هندن جي روحاني پيشوا ۽ مندر جي پنجين گادي نشين صوفي سنت بابا گرداس رام جي ائيتاليهن ورسي جون تقريبون شروع ٿي ويون آهن هن ورسي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

غوثپور: هندن جي روحاني پيشوا صوفي سنت بابا گرداس رام جي ورسي ملهائي وئي

گلاب لغاري ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سوين مزدورن پاران ريلي

عوامي ورڪرز پارٽي، حمالي مزدور يونين، مزدور يونين پاران حيدرآباد روڊ کان ريلي نڪتي

مهانگائي جي دور ۾ به مزدورن سان ناانصافي ٿي رهي آهي اجرت ملڻ گهرجي اها نٿي ملي: اڳواڻ

سمورين پارٽين جا اڳواڻ مطالبو ٿا ڪريون ته مزدور طبقي کي خوشحال بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سوين مزدورن پاران هٿن ۾ بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان سلسلي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ مزدورن جي عالمي
ڏهاڙي تي شهر جي مختلف
سماجي تنظيمن پاران ريلي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي شهر جي مختلف سماجي تنظيمن مزدورن جي حقن جي آواز اٿارڻ لاءِ خانگي ميڊيڪل سينٽر گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب سکر تائين ريلي ڪڍي وئي مظاهرين ۾ شريڪ ماڻهن مزدورن جي حقن جي حاصلات لاءِ سخت تعريبازي ڪئي مظاهرين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گلاب لغاري: پورهيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

مانجهند جي ٽائون ڪاميٽي آفيس ۾ پهرين مئي تي مزدورن جي عالمي ڏينهن تي ريلي

عبدالرشيد لنڊ، اسسٽنٽ يوسف عمراڻي فقير جاويد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

مانجهند جي خاڪروب عملي ۽ واٽر سپلاءِ جي ملازمن کي گلن جا هار پارائي سندن مانءُ ۾ آجياڻو ڏنو

مانجهند (مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي ٽائون ڪاميٽي آفيس ۾ [illegible] پيش ڪئي وئي. ايڊمنسٽريٽر مانجهند عبدالرشيد لنڊ اسسٽنٽ يوسف عمراڻي فقير جاويد خاصخيلي [illegible] خاڪروب عملي ۽ واٽر سپلاءِ جي ملازمن کي گلن جا هار [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي مزدور محاذ طرفان تاريخي ريلي، ساڃاهه وندن پاران ريلي

ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن واپارين، شهرين، شاگردن شرڪت ڪئي

ريلي مختلف چوڪن چوراهن کان ٿيندي پنجاري پل چوڪ تي هڪ وڏي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي

حڪمرانن جي ڪرپشن، نااهلي، ملڪ ۾ مهانگائي سبب عوام آپگهات ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو آهي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

احمدپور شهر جي جامع
مسجد مان مهينو اڳ چوري
ٿيل سولر بيٽري هٿ

احمدپور (رپورٽ) احمدپور شهر جي جامع مسجد مان هڪ مهينو اڳ چوري ٿيل سولر بيٽري پوليس هٿ ڪري ورتي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دڙو: مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات خلاف پوليس جو ڪريڪ ڊائون شروع، 17 منشيات فروش گرفتار

اختيارين جي نوٽيس بعد علائقي مان ايس ايس پي مين پوڙي گٽڪي تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي

شهرين کي به پوليس ايڪٽ منشيات تحت گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو

روڊن تي مسافر گاڏين سان گڏ عام گاڏين جي به سختي سان تلاشي وٺڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات خلاف پوليس جو ڪريڪ ڊائون شروع، مين پوڙي گٽڪي جا مختلف علائقن مان 17 منشيات فروش گرفتار، علائقي مان ايس ايس پي مين پوڙي گٽڪي تي هميشه لاءِ پابندي لاڳو ڪري ڇڏي، ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات جي خلاف پوليس هڪ دفعو ٻيهر ڪريڪ ڊائون جي دوران 17 منشيات فروشن کي گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مڇي مارڪيٽ مزدور يونين ٺٽو طرفان مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي ريلي

مزدور اڳواڻ عبدالمالڪ خشڪ، محمد خان ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

مزدور طبقي کي پيٽ سان لڳائي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي: عبدالمالڪ خشڪ

غريب طبقي کي رليف ڏنو وڃي، جيئن جو به ٻين وانگر بهتر زندگي گذاري سگهن: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٺٽو (د ر) مڇي مارڪيٽ مزدور يونين ٺٽو طرفان مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ريلي مڇي مارڪيٽ ٺٽو مان مين روڊ تائين مزدور اڳواڻ عبدالمالڪ خشڪ، محمد خان ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ماڻهن کي اغوا ڪندڙن ڌوهارين
کي ڳولهي ڳولهي ماريندس: ايس
ايس پي خيرپور جو اعلان

خيرپور (رپورٽر) ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان ڪوسو چيو ته ماڻهن کي اغوا ڪندڙن ڌوهارين کي ڳولهي ڳولهي ماريندس، اغوا ڪندڙن کي بخشش نه ڪئي ويندي، ساحل ڪمار ۽ چيتو مل کي اغوا ڪندڙ ڌوهاري گذريل ڏينهن پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا آهن. برسات ۽ ٻوڏ کان پوءِ ڌوڙ ۾ اچانڪ اضافو ٿيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو: مڇي مارڪيٽ يونين پاران پورهيتن جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي

دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 5 تي ڪائونسلر پاران روڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار

پ پ جي ٽڪيٽ تي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ قربان چانڊيو غير متحرڪ

روڊ جي تعميراتي ڪم اڌ ۾ ڇڏي سالن کان گم ٿيل ٺيڪيدارن ۽ روڊس کاتي جي عملدارن خلاف ٻڌٽي

ٻڌٽي دوران هڪ مهيني اندر رولڙي جو شڪار اسڪيم مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، عملدار پيش ٿيا

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ 5 تي پ پ پ جي ٽڪيٽ تي بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ ڪائونسلر حاجي قربان چانڊيو پنهنجي وارڊ ۾ ورڪشاپ روڊ جي 600 فوٽ روڊ رولڙي جو شڪار ٿيڻ تي روڊ جي تعميراتي ڪم اڌ ۾ ڇڏي سالن کان گم ٿيل ٺيڪيدارن ۽ روڊس کاتي جي عملدارن خلاف ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس، احتجاجي مظاهرا ڪرڻ جو فيصلو

ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي، بجلي بحران ۽ وسيلن ۽ روزگار تي ڌاڙن خلاف احتجاج ڪيو ويندو

مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪري مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو فيصلو

مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي نگراني ۾ رٿيل اجلاس دوران اهم معاملن تي ڳالهيون

ٺٽو (د ر) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اجلاس ضلعي صدر شبير پٽي ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو جي صدارت ۾ قومي هائوس ٺٽو تي ٿي گذريو، جنهن ۾ ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي جي کوٽ، بجلي بحران، وسيلن ۽ روزگار تي ڌاڙن خلاف 5 مئي کان 10 مئي تائين ٺٽي ضلعي جي ننڍين وڏن شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ سميت 12 مئي کان 17 مئي تائين ٺٽي ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ جي ڪرايل اجلاس جو ڏيک

پنوعاقل ۾ صحافي اديب پريل
دايو ارشاد دايو صحافي جي
اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽر) پنوعاقل ۾ صحافي اديب پريل دايو ارشاد دايو صحافي عرفان ڪلهوڙو کي اغوا ڪري غنڊن پاران تشدد ڪري يرغمال بڻائي انسانيت سوز سلوڪ ڪرڻ جا پوليس الڳ الڳ ڪيس نه داخل ڪيا آهن پر ڪو جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي ان خلاف 4 ڏينهن به ٿاڻي وٽ صحافين اديبن شهرين سڄاڻ ڌرين پاران زخمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽو آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران شهيدن کي سرخ سلام

ڏهاڙي جي موقعي شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام ۽ ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

عبدالرحمن خان، نيڪ محمد ڪوسو، سهراب خاصخيلي، گلاب لنڊ، غلام قادر ميربحر ۽ ٻيا شريڪ

شڪاگو جي شهيدن حقن خاطر اڄن جهنڊن کي ڳاڙهو ڪري پنهنجون جانيون نه قربان ڪري ڇڏيو: اڳواڻ

ٺٽو (د ر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين CBA ٺٽو طرفان مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام ۽ ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ ريلي مڪلي تي ملازم اڳواڻ منور علي تارو، عبدالقيوم خاصخيلي، عبدالرحمن خان، نيڪ محمد ڪوسو، سهراب خاصخيلي، گلاب لنڊ، غلام قادر ميربحر، عظهر خان جي اڳواڻي ۾ ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 02 مئي 2023ع

برسات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي تياري آهي؟

سنڌ ۾ برسات جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. موسمياتي تبديلين جي ڪري برساتن پنهنجي مقرروقت کان اڳ وسڻ شروع ٿي ويون آهن. جنهنڪري نه رڳو آبادگار پريشان لڳا پيا آهن پر انهن کي ان ڳالهه جي به ڳڻتي ورائي وئي آهي ته ڪين ٿيندڙ نقصان جو ازالو ڪيئن ڪيو ويندو. گذريل سال آيل ٻوڏ سبب جيڪي ماڻهو متاثر ٿيا آهن. انهن مان گهڻن جو اڃا تائين ڪئمپن ۾ موجود آهي. متان وري برسات جي ڪري صورتحال خراب ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي پيا آهن. سنڌ ۾ برسات وسڻ کان پوءِ جنهن ڪوتاهي جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، اهو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته برسات کان پوءِ نه رڳو صورتحال ويتر خراب ٿي ويندي آهي پر برساتن جو پاڻي نيڪال ٿيڻ ۾ به ڏينهن لڳي ويندا آهن. تنهنڪري عام ماڻهن لاءِ پريشانيون به وڌي وينديون آهن.

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي جي مکاني ادارن، ڪي ايم سي، ڊي ايم سي ۽ ضلعي ڪائونسل جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪين هدايت ڪئي آهي ته برسات دوران مناسب اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ٿي سگهي. وڏي وزير چيو ته تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. جنهن سان شهري ٻوڏ جو خدشو آهي. تنهنڪري پاڻيءَ جي مناسب ۽ وهڪري لاءِ نالن جي نگرانيءَ کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته تازو ٽن وڏن نالن جي صفائي ۽ لائننگ ڪئي وئي آهي. ان ڪري برساتي پاڻي جي نيڪال ۾ ڪا به پريشاني نه ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪي نالا ڊي ايم سيز ۽ ضلعي ڪائونسل جي حد ۾ اچن ٿا انهن کي هر حال ۾ برقرار رکيو وڃي. مراد علي شاهه چيو ته مون ڏٺو آهي ته ماڻهن ڪي نالن جي ڪنارن تي ملبو اڇلائي ڇڏيو آهي. جيڪا ناقابل قبول آهي. مون اڳ ۾ ئي پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته اهڙين گاڏين کي پڪڙيو انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. ڊي ايم سيز کي خبردار ڪندي هن چيو ته سنڌن لاڳاپيل حدن ۾ اها ڳالهه يقيني بڻائي وڃي ته ڪنهن به گاڏي کي گند ڪچرو ۽ ملبو اڇلائڻ جي اجازت نه ڏني وڃي. وڏي وزير ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سيز کي هدايت ڪئي آهي ته اهي روينيو وڌائڻ لاءِ ضروري قدم کڻن. هن چيو ته جيڪڏهن بلدياتي ادارن جي انتظاميا پراپرٽي ٽيڪس جي صحيح وصولي تي ڌيان ڏئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل علائقن ۾ ترقياتي ڪمن سميت انهن جون سموريون مالي ضرورتون پوريون ڪري سگهندا. وڏي وزير ڪي ايم سي کي به سنڌن ريڪوري بهتر بڻائڻ ۽ اداري کي مالي طور مستحڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

اسين سمجهون ٿا ته جيڪي هدايتون وڏي وزير پاران جاري ڪيون ويون آهن. انهن تي ترت عمل ٿيڻ گهرجي ته جيئن وڏي نقصان کان بچي سگهجي. نالن جي صفائي رڳو شهرن تائين محدود نه هئڻ گهرجي پر ٻهراڙين ۾ به برساتي نالن جي صفائي ضروري آهي ته جيئن گهڻي برسات وسڻ جي صورت ۾ پاڻيءَ جو گذر سولو ٿي سگهي ۽ شهرن توڙي ٻهراڙين کي ٻڏڻ کان بچائي سگهجي.

پورهيتن جو پيغام ۽ جدوجهد

گل محمد منگي

اڄ اسان هڪ اهڙي سانحي جي ياد ملهائي رهيا آهيون جيڪو ڳڏيل قومن جي اداري جي پاران نه مزدورن جي عالمي ڏهاڙي طور مڃيل آهي پر جنهن ملڪ يعني آمريڪا ۾ اهو ڏکوئيندڙ واقعو پيش آيو اتي ان کي ملهائڻ جي اجازت نه آهي ۽ وري اوير جي جن ملڪن خاص ڪري ننڍي کنڊ جي يعني ڀارت، پاڪستان، بنگلاديش ۽ نيپال ۾ وڏي جوش ۽ خروش سان نه ملهايو ويندو آهي پر اتي اها غلط پروپيگنڊه به ڪئي ويندي آهي ته يوم مئي جا سمورا شهيد مارڪسوادي هئا اصل ۾ پورهيتن جي ڊيوٽي اٺ ڪلاڪ ڪرائڻ واري جدوجهد ۾ جان گهوريندڙ Eight Hour League جي سرواڻ البرٽ پارسنز سميت ادولف فشر، جارج اينگس، ليوئس لنگ، آگسٽ اسپائيز ۽ ٻيا جن کي عمر قيد يا قيد جي سزا ڏني وئي اهي سڀ جو سڀ انارڪسٽ هئا

اصل ۾ اهو واقعو چار مئي 1886ع تي پيش آيو ۽ ان دور ۾ مزدورن کان روزانو 16 کان 18 ڪلاڪ ڪم ورتو ويندو هو ۽ وچ ۾ هفتيوار موڪل به نه هوندي هئي انڪري نه صرف مزدور ڪنهن مائٽ يا سنگتي ساٿي سان ملڻ ته پري پر پنهنجي گهر ڀاتين توڙي ٻارن ٻچن کي وقت ڏيڻ ۽ گهر جو سودو سود آڻڻ جهڙا به هوندا هئا ۽ سورنهن کان 18 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بعد ويچارا ٿڪا ٽٽا اچي گهر ۾ ننڊ به اڌوري ڪري سگهندا هئا ان مقصد لاءِ مزدورن ۽ انهن جي گهڻ گهرڻ "ايٽ آور ليگ" ٺاهي جنهن جو صدر سرگرم پورهيت انارڪسٽ ۽ آمريڪا ۾ غلامي خلاف جدوجهد جي علامت البرٽ پارسنز کي ايٽ آور ليگ جو صدر مقرر ڪيو ويو جنهن جو مقصد هو "اٺ ڪلاڪ ڪم، اٺ ڪلاڪ آرام ۽ اٺ ڪلاڪ پنهنجي گهر ڀاتين لاءِ مخصوص" ايٽ آور ليگ پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ هڙتالن ۽ مظاهرن ڪرڻ جي شروعات ڪئي جنهن جي خلاف آمريڪي حڪومت توڙي صنعتڪار رنڊڪون وجهندا رهيا پر مزدورن همت نه هاري ۽ مظاهرن ۾ ڏينهون ڏينهن تيزي ايندي وئي مزدورن پنهنجن مطالبن کي مڃرائڻ لاءِ ڪارخانن جي دروازن تي ڌرڻا ڏيڻ جو آغاز ڪيو ان سلسلي ۾ پهرين مئي کان "تيز هو تيز هو جدوجهد تيز هو" جي نعري تحت مظاهرن جو آغاز ڪيو ويو 4_مئي تي شڪاگو جي هي مارڪيٽ (Hay Market) وٽ هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي آخر ۾ ڪنهن همراهه ماڻهن مٿان بم ڦٽو ڪيو جنهن ۾ ڪجهه پورهيت زخمي ٿي پيا ۽ پوليس جي هڪ آفيسر سميت ڪجهه پوليس اهلڪار مارجي ويا بس پوءِ سرڪار پاران مزدورن جي انڌا ڌنڌ گرفتارين جو سلسلو شروع ٿي ويو البرٽ پارسنز گرفتاري کان بچڻ لاءِ سوئيٽزرلينڊ فرار ٿي ويو ۽ باقي سمورا سرگرم انارڪسٽ جن ۾ اخبار جو ايڊيٽر ۽ سرگرم انارڪسٽ آگسٽ اسپائيز، ادولف فشر، جارج اينگس، ليوئس لنگ، سيموئيل فيلڊن، لوسي پارسنز ۽ ايما گولڊ مين سميت سمورن اهم انارڪسٽن کي گرفتار ڪيو ويو سمورن ساٿين جي گرفتار ٿيڻ ۽ پوليس جي وحشياڻين ڪاررواين جو اطلاع ملڻ بعد البرٽ پارسنز سوئيٽزرلينڊ مان موٽي آيو ۽ گرفتاري ڏني جنهن بعد پوليس ايما گولڊمين ۽ سنڌس گهر واري لوسي پارسنز سميت ڪجهه بي گناهن کي عالمي مظاهرن ۽ دٻاءِ سبب آزاد ڪري ڇڏيو

هي مارڪيٽ سانحي جي عدالتي ڪارروائي لاءِ ججن جي مقرري واسطي جن ماڻهن کي چونڊيو اهي سمورا پورهيتن جي دشمن طور مشهور هئا ان دور ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ اهو رواج هوندو هو ته اڌ جج ملزم ۽ اڌ سرڪار چونڊيندي هئي پر هي مارڪيٽ جي ڪيس ۾ سمورا جج سرڪار پاڻ مقرر ڪيا ۽ چونڊي چونڊي مزدور دشمن ماڻهن، سرمائيدارن ۽ انهن جي ڪارندن کي جج طور کنيو ويو ان جي خلاف به مزدورن احتجاج ڪيا پر سنڌن هڪ به نه ٻڌي وئي ان حوالي سان مشهور تاريخدان وليم جي ايڊيلمين لکيو آهي ته دنيا جي تاريخ ۾ پورهتن ۾ جيترو اتساهه "هي مارڪيٽ واري سانحي" پيدا ڪيو آهي اهڙو اتساهه ڪنهن ٻئي واقعي جي ڪري پيدا نه ٿي سگهيو آهي ان واقعي جا اثرا ج به سڄي دنيا اندر محسوس ڪيا وڃن ٿا توڙي جو آمريڪا جي درسي ڪتابن ۾ به ان واقعي کي شامل نه ڪيو ويو آهي پر ان جي اهميت بيان نه ڪئي وئي آهي ان جي ابتڙ شڪاگو جي پورهيتن جي واقعي واري هنڌ کي 1992ع ۾ ان واقعي سان منسوب ڪيو ۽ 2004ع ۾ هڪ مجسمو به لڳايو ويو آهي جڏهن ته فاريسٽ پارڪ جتي انهن شهيدن کي دفنايو آهي اتي پڻ يادگار تعمير ڪيو ويو آهي جتي هروقت پورهيت، هاري، ناري توڙي دنيا جا سرگرم سياسي ڪارڪن وڃي شهيدن جي قبرن تي ڀيٽا پيش ڪندا آهن

يوم مئي سانحي کان اڳ شڪاگو جيڪو آمريڪا جو صنعتي حب آهي ان جي صنعتن ۾ مزدورن کان 16 کان 18 ڪلاڪ ڪم وٺڻ جي بدلي ۾ ڏيڍ ڊالر ڏهاڙي ڏنو ويندو هو ان ظلم جي خلاف هر وقت آواز اٿندا رهندا هئا نيويارڪ ۽ ڊٽريوٽ ۾ اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي جي گهر تيز ٿي وئي ۽ هر هنڌ پورهيتن جا جلسا ۽ جلوس روز جو معمول ٿي ويا انارڪسٽن جون پورهيتن جون انٽرنيشنل ورڪنگ پيپلز ايسو سي ايشن ۽ فيڊريشن آف آرگنائيزڊ ٽريڊز اينڊ ليبر يونين جون سرگرميون عروج تي هيون

4_مئي سانحي واري ڏينهن آربيٽر زيٽنگ جي ايڊيٽر آگسٽ اسپائيز پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ڪيس اطلاع مليو آهي ته مظاهري کي پرتشدد بنائڻ لاءِ شرارت ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي جنهن کي ناڪام بڻائي ڇڏبو جڏهن مزدورن جي ڪم جو وقت پورو ٿيو ته اهي به جلسي ۾ هليا آيا جنهن تي پوليس فائرنگ ڪري ڏني ۽ نتيجي ۾ ڇهه مزدور اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ 60_کان مٿي زخمي ٿي پيا ان جي باوجود آگسٽ اسپائيز پورهيتن کي شانت رهڻ جي اپيل ڪئي هئي ان واقعي جو ڪيس ٻڌڻ بعد جيوري جي متعصب صدر جوزف گري سڀني انارڪسٽ ڪارڪنن البرٽ پارسنز، ادولف فشر، آگسٽ اسپائيز، ليوئس لنگ، مائيڪل شواب، سيموئيل فيلڊن ۽ جارج اينگلس کي موت جي سزا ٻڌائي جڏهن ته آسڪر نيبي کي 15_سال قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي وئي ان فيصلي جي خلاف صوبي الينوس جي سپريم ڪورٽ ۾ 1887ع ۾ اپيل ڪئي وئي جنهن لاءِ پوري دنيا جي پورهيتن چندو گڏ ڪيو اپيل رد ٿيڻ بعد 11_نومبر 1887ع تي چئن انارڪسٽ پورهيتن البرٽ پارسنز، ادولف فشر، جارج اينگلس ۽ آگسٽ اسپائيز کي شڪاگو جي ڪڪ ڪائونٽي جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي ان موقعي تي البرٽ پارسنز جي گهر واري لوسي پارسنز پنهنجي مڙس ۽ ٻين ساٿين کي الوداع چوڻ لاءِ جيل پهتي پر کيس جيل اندر وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي ڦاسي گهاٽ تي تقرير ڪندي آگسٽ اسپائيز اهي تاريخي لفظ ادا ڪيا جيڪي اڄ مڪمل سچ ثابت ٿي چڪا آهن اسپائيز چيو ته "اڄ اسان جو آواز دٻائڻ وارئو ياد رکو! هڪ ڏينهن اسان جو دٻيل آواز ايترو ته طاقتور ٿي اڀرندو جو ان کي ڪو به روڪي نه سگهندو جڏهن ته صوبي جي گورنر پڻ چئن مائيڪل شواب ۽ سيموئيل فيلڊن جي موت جي سزا عمر قيد ۾ بدلائي ڇڏي

اڄ آگسٽ اسپائيز ۽ يوم مئي جي انارڪسٽ شهيدن جو آواز دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين گونجي رهيو آهي ۽ ان آواز کي روڪڻ واريون قوتون بري طرح سان ناڪام ٿي چڪيون آهن ۽ اهو دٻايل آواز ڏينهون ڏينهن بلند ٿي رهيو آهي اڄ پوري دنيا ۾ مزدورن کي 8_ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو حق ملي چڪو آهي پر استحصال جو خاتمو اڃا نه ٿي سگهيو آهي ۽ ان جي خاتمي لاءِ سڄي دنيا ۾ مزدورن جي جدوجهد جاري آهي ۽ نيٺ فتح پورهيتن جي ٿي ٿيندي

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم'، اِيَ پَرُوڙج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڄڻُ پَرِ پرين جي.

ڌمڪين ۽ گرفتارين دوران هلندڙ ڳالهين جا دور

الهه بخش راڻوڙ

عمران خان لاءِ چيو پيو وڃي ته هن جو ڪيلي تان پير ترڪي ويندو آهي. پر اتحادي حڪومت سان ڳالهين دوران پارٽيءَ جي صدر جي گهر تي چڙهائيءَ جي باوجود هو ڳالهين کي جاري رکڻ جا اشارا ڏئي رهيو آهي. سياست ۾ انتهائي ڏکين حالتن ۾ به صبر جو پيمانو برقرار رکڻ انتهائي اهم هوندو آهي. ساڳي ريت سپريم ڪورٽ جي دٻاءَ جي باوجود نه فقط حڪومت پي ٽي آءِ سان ڳالهين کي گهٽ سنجيده نه وٺي رهي آهي، پر جنهن قسم جون سياسي اڳيرايون ٿي رهيون آهن، انهن ۾ عمران خان کنهن جي "مٽ يا پٽ" جي زور تي هر صورت ۾ هڪ ڏينهن چونڊن جو خواهشمند آهي. هو اهو به چاهي ٿو ته ڪنهن به صورت ۾ سپريم ڪورٽ جو نئون چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ نه ٿئي. ان کان اڳ هو موجوده چيف کي ايڪسٽينشن ڏيڻ ۽ ان ڪانپوءِ جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر کي چيف جسٽس جي عهدي تي ڏسڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي. عمران خان جي خوابن ۽ خيالن جي ابتڙ وري ملڪ جي وڪيل برادري، ڪان وٺي، سياسي پارٽيون ۽ اهي جيڪي ملڪ کي قائم ڏسڻ گهرن ٿا، انهن جو پڪو ارادو آهي ته ڪنهن به صورت ۾ بلوچستان سان واسطو رکندڙ قاضي فائز عيسيٰ کي ملڪ جي اعليٰ عدالت جو چيف جسٽس ٿي ٻڌائيندا. جيڪڏهن ائين نٿو ٿئي ته ملڪ جو نظام ڊانوان ڊول ٿي ويندو

هن ملڪ جي مستقبل جي سياسي منظرنامي جوڙڻ لاءِ جتي اعليٰ عدليا جو اهم ڪردار بڻجي سامهون آيو آهي، اتي ججز جي ويجهن مائٽن جي آڊيو ٽيپس وري سنڌن مورال کي به ڊائون ڪيو آهي، ان ڪري هو ان اعتماد سان فيصلا ڪري نٿا سگهن. آڊيو ٽيپس جو سامهون اچڻ معمول ٿي ويو آهي، هي ٽيپس ٻڌائين ٿيون ته ڪيئن سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو چيف جسٽس، جنهن جي فيصلي عدليا جي عزت ۾ ڪوبه اضافو نه ڪيو ثاقب نثار پنهنجي پٽ ذريعي سياسي ۽ معاشي فائدا حاصل ڪري رهيو آهي. هن جي پٽ جي آڊيوري نئون پنڊورا باڪس کوليو آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته ثاقب نثار نه ئي اڳ فيئر جسٽس جو حامي هو نه ئي وري هو هاڻ فيئر ڊيلز ڪري رهيو آهي.

موجوده حڪومت نئين مالي سال جي بجيٽ جي تياريءَ ۾ مصروف آهي، پر ان ۾ ڪيترين رنڊڪون آهن آمريڪا، جيڪو آءِ ايم ايف جي شيئرز ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو ان ڪري هن جي ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ Say به وڌيڪ آهي، اهو پنهنجن سينيٽرز ذريعي عمران خان جي حق ۾ لابنگ کان متاثر ٿيندي نظر اچي پيو پر ان سان گڏ هي به چئي پيو ته عمران خان جي ڀيٽ ۾ شهباز شريف سان معاملاطئي ڪرڻ ۾ سولائي ٿي رهي آهي. آمريڪي سينيٽرز عمران خان کي پنهنجو سياسي اثاثو سمجهن ٿا، ان ڪري هو چاهين ٿا ته جيترو جلد ٿي سگهي، پاڪستان ۾ عام چونڊون ٿين ته جيئن ڪنهن به طريقي سان عمران خان کي هڪ ڀيرو ٻيهر وزير اعظم ڏسي سگهن. عمران خان به ساڳي ايجنڊا تي عمل ڪري پيو ته ڪنهن به ريت هو هڪ ڀيرو ٻيهر اقتدار ۾ اچي وڃي ته جيئن مخالفن کي سبق سيکاري سگهي. عالمي مالياتي فنڊ لڳاتار ڪن لاٽار ڪري رهيو آهي. موجوده اتحادي حڪومت ان جا سمورا عوام دشمن شرط قبول ڪري ڇڏيا، پر عالمي ادارو به چاهي ٿو ته ايندڙ بجيٽ لاءِ امدادي رقم فراهم نه ڪري ته جيئن موجوده حڪومت عوام کي ڪو جوڳو رليف فراهم نه ڪري سگهي، ان سان چونڊن دوران حڪومت کي وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ان ڪري هي خبرون سامهون اچن پيون ته شايد بجيٽ سپورٽ لاءِ آءِ ايم ايف پاڪستان سان ڊيل نه ڪندي. سرڪاري طور نه ٿي سهي پر غير سرڪاري پيغام موڪليو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪا ڊيل ٿي ته اها ايندڙ حڪومت سان ٿي ٿيندي. ان سان موجوده حڪومت جون معاشي مشڪلاتون گهٽيون وڌي وينديون.

اتحادي حڪومت جي نمائندن سان ڳالهيون ڪندڙ پي ٽي آءِ سان واسطو رکندڙ اهم ميمبر فواد چوڌري به ڌمڪي واري لهجي ۾ چيو آهي ته، جيڪڏهن اتحادي چونڊن جي تاريخ نٿا ڏين ته هو لانگ مارچ جي حڪمت عملي جوڙي چڪا آهن. اها ڳالهه عمران خان به ڪري ٿو. حڪومتي نمائندا سمجهن ٿا ته هي انهن تي دٻاءَ وجهڻ کانسواءِ ڪجهه به ناهي. حڪومت جي اندر ڪيترائي اهڙا اڳواڻ موجود آهن، جيڪي ڳالهين کي جاري رکڻ جي حق ۾ نه آهن. هاڻ ته اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف به ساڳي نوعيت جو تاثر ڏئي رهيو آهي ته ڳالهين بدران پي ٽي آءِ کي سڌو ڪرڻ گهرجي ۽ عمران خان سان ماضي جو حساب برابر ڪرڻ گهرجي. عالمي سطح تي نواز شريف کي وزير اعظم وارو ئي پروٽوڪول ملي رهيو آهي. هن کي سعودي عرب پاران شاهي مهمان جو رتبو ڏيڻ ڪانپوءِ هاڻ برطانيا به ساڳيو گس اختيار ڪري رهيو آهي.

حڪومت ۾ ويٺل ڪجهه حلقا چاهين ٿا ته پنجاب ۾ چوڌري پائرن سان به حساب چڪتو ڪجي، ان ڪري شايد ٻيهريون ڀيرو، چوڌري پرويز الاهيءَ جي گرفتاري لاءِ آپريشن ڪيو ويو توڙي جو ان آپريشن کي مناسب قدم قرار نه پيو ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن، ڳالهين ذريعي اختلافن کي حل ڪرڻ واري اپاءَ جي واڪا ٿي رهي آهي، پر هي تاثر به سامهون آيو آهي ته موجوده سياسي سيٽ اپ ۾ عمران خان ۽ سنڌس پارٽيءَ جي گهڻي گنجائش ناهي. ان حوالي سان اسٽيبلشمنٽ جو رويو به گهڻي اهميت رکي ٿو جيڪا لڳاتار اهو تاثر ڏئي پئي ته عمران خان کي ٻيهر حڪمران بڻائي نٿو سگهجي. هو سمجهن ٿا ته اڳوڻي وزيراعظم اسٽيبلشمنٽ جي صفن ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر کيس ناڪامي کانسواءِ ڪجهه به نه مليو. جيڪڏهن ميان نواز شريف کلي سامهون آيو ته ڳالهيون هوا ۾ اڏامي وينديون. هينئر ڏيهه توڙي پرڏيهه مان اتحادي حڪومت تي دٻاءَ وجهڻ باوجود صورتحال جيئن جو تيئن رهڻ جو اشارو ڏنو پيو وڃي. ان ڪري حڪومتي ڌر واضح طور چئي رهي آهي ته عالمي مالياتي فنڊ سان ڳالهيون ڪامياب ٿين يا ناڪام، هو ڪنهن به اهڙي حڪمران لاءِ رستو صاف نه ڪندا، جيڪو مستقبل ۾ سنڌن سياسي مستقبل داءَ تي لڳائي ڇڏي. ان ڪري عدليا اندر ٿيندڙ سازشن کي ناڪام بنائڻ لاءِ اهم قدم کنيا پيا وڃن ۽ ججن کي Accountable to Parliament ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪئي پئي وڃي. هونئن به عدليا سان ٽڪراءُ (ن) ليگ جي ڪيمسٽري ۾ شامل آهي.

جماعت اسلامي، جي يو آءِ، يوٿ ۽ اين ايل ايف اڳواڻن خطاب ڪيو سنڌ جي امير محمد حسين محنتي قباءِ آڊيٽوريم ۾ رئيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته مولانا هدايت الرحمن جي گرفتاري ۽ 100 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود سنڌس ضمانت نه ٿيڻ سراسر ظلم، هٽي قاتلن، دهشتگردن ۽ ملڪ جو قيمتي ناڻو لٽڻ وارن جون منٽن ۾ ضمانتون ٿيو وڃن. پر گوادر ۽ بلوچستان جي مظلوم عوام جي جائز حقن ۽ ڪرپٽ ٽولي خلاف حق جو آواز بلند ڪرڻ تي مولانا هدايت الرحمن کي قيد ڪيو ويو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتي "هڪ نه بلڪه ٻه پاڪستان" موجود آهن، غريبن ۽ مظلومن لاءِ انصاف جو پڙ الڳ ۽ طاقتور توڙي اميرن لاءِ الڳ پيمانو آهي. مولانا هدايت الرحمن جو ڏوهه فقط اهو آهي ته هن گوادر جي ترقي، عوام جي جائز مسئلن، ٽرالر مافيا، صحت، تعليم ۽ صاف پاڻي لاءِ آواز بلند ڪيو. ملڪي معيشت ۾ گيم چينجر قرار ڏنو ويندڙ گوادر جو عوام اڄ به صحت، تعليم ۽ صاف پاڻي سميت بنيادي انساني حقن کان محروم آهي. بلوچستان کي پرنڊڙ جبل نه بڻايو وڃي ۽ مولانا هدايت الرحمن کي في الفور آزاد ڪيو وڃي. ان موقعي تي صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته ناظم عمومي مولانا محمد دين منصوري، سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. هر ڏانهن جماعت اسلامي ضلع ڪشمور ڪنڌڪوٽ پاران تنگواڻي، ڪشمور، رسالدار ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ صوبائي نائب امير حافظ نصرالله چنا، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحفيظ بجاراڻي، ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميراڻي، افضل عطا ڪلوڙ جي اڳواڻي ۾ مظاهرا ڪيا ويا. لاڙڪاڻي ۾ قاري ابو زبير جکرو، نوشهروفيروز ايڊوڪيٽ شبير خانزاده، نواب شاهه ۾ شرور احمد قريشي، سکرنڊ ۾ راشد مڪرم، ڪوٽڙي ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد عمر خان، ملي ۾ ميرمحمد ٻليدي، ميرپورخاص ۾ مقامي امير رفيق چوهاڻ، قنبرعلي خان ۾ مولانا امتياز ڀٽو، عمرڪوٽ ۾ خليل احمد ڪوڪر، دادو محمد موسيٰ ٻير جڏهن ته راڄو نظاماڻي ۾ مقامي امير عامرشيخ، عبدالقادر نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا.#

بقايا 01 ***

عمران خان چيو ته اسان تي ڌوڙهاري مسلط ڪيا ويا آهن. هو چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن. اهي چونڊون ڪرائڻ چاهين ٿا جڏهن آهي سمجهن ٿا ته مان گمراهه ٿي ويو آهيان. انهن جو مقصد صرف اهو آهي ته ڪنهن طرح مون کي هٽايو وڃي. هن چيو ته سپريم ڪورٽ واضح طور چيو آهي ته پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ٿينديون. سپريم ڪورٽ چيو ته انهن سان ڳالهين ڪيون. جيڪڏهن هو راضي ٿين ته نه رڳو پنجاب پر سڄي ملڪ ۾ چونڊون ٿينديون. اڳوڻي وزيراعظم هڪ ڀيرو ٻيهر شرط لڳائيندي چيو ته سپاٽي جي ڳالهين ۾ رڳو هڪ ڳالهه جوڙي آهي ته 14 مئي کان اڳ اسيمبليون ختم ڪيون وڃن ۽ چونڊن لاءِ تيار آهيون. جيڪڏهن هو سمجهن ٿا ته اسان سنڌن پلان ۾ ڦاسي پونداسين ۽ انتظار ڪنداسين ته اليڪشن سيپٽمبر ۾ ٿيندي ته پوءِ ڪنهن غلط فهمي ۾ نه رهن. جيڪڏهن 14 مئي کان اڳ اسيمبليون ختم نه ڪيون ته پوءِ عدالت کي ٻڌائينداسين. اسان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊون چاهيون ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن هنن آئين ٽوڙيو يا ججن خلاف ڪجهه ڪيو ته پي ٽي آءِ روڊن تي ايندي. تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ ۽ چيف جسٽس سان گڏ بيٺل رهندي. اڄ تائين معاشي صورتحال سبب پرامن احتجاج ڪيو آهي. جيڪڏهن آئين ٽوڙيو ويو ته ملڪ ۾ جنگل جو قانون بڻجي ويندو ملڪ تباهي طرف وڃي رهيو آهي. عام ماڻهو مهانگائي جو شڪار آهي. جيڪڏهن اهي آئين ٽوڙيندا ته پاڪستان ۾ ڇا بچيو. جنهن ملڪ ۾ حڪومت سپريم ڪورٽ جو حڪم نه مڃي، اتي سيڙپڪاري ڪير ڪندو؟ هن چيو ته جيڪڏهن چور ۽ ڦورو آئين جي ڀڃڪڙي ڪندا ته قوم مون سان گڏ ٻاهر نڪرندي طاقتورن کي آئين جي پرواهه نه هجي ته ملڪ عوام بڻجي ويندو. سڀ تيار آهيون. ايندڙ هفتي ڪير جو پاڻي ٿي ويندو ايندڙ هفتي سڀني کي خبر پوندي ته ملڪ ۾ آئين آهي يا جهنگ جو قانون. عمران خان چيو ته آئين موجب 90 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ گهرجن جيڪڏهن اسيمبلي ختم ٿي وڃي ته نگران حڪومت چونڊن لاءِ هڪ به ڪم ناهي ڪيو. نگران حڪومت جي هاڻي ڪا به آئيني حيثيت نه رهي آهي. 70 سيڪڙو عوام جي مرضي آهي. ملڪ ۾ چونڊيل نمائندا نه آهن. ناصر باغ ۾ عمران خان جي تقرير ڪانپوءِ ريلي ختم ٿي ۽ اڳوڻو وزيراعظم زمان پارڪ روانو ٿي ويو ان کان اڳ ريلي ۾ ڳالهائيندي عمران خان چيو ته اسان کي لاهور مان مئي جي ڏهاڙي جي جلسي کي ڀرپور موٽ ملي آهي. شاندار شروعات کان پوءِ ريلي تيز رفتاري سان گڏ ٿي رهي آهي. انهن لاءِ خبردار آهي جيڪي سپريم ڪورٽ ۽ آئين جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي سوچ رکن ٿا. هن چيو ته عوام اليڪشن کان ڀڄڻ ۽ سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ مافيا کي برداشت نه ڪندو عوام آئين جي ڀڃڪڙي ڪندڙ مافيا کي برداشت نه ڪندو. ملڪ نازڪ معاشي صورتحال مان گذري رهيو آهي. اسان جو ملڪ روڊن تي اچي وڏي تحريڪ کي منهن ڏئي نه سگهندو.

بقايا 02 ***

جي موجودگي باوجود سپريم ڪورٽ سان رجوع ڪيو رجسٽرار آفيس جي اعتراض موجب درخواستگذار اسيمبليون ٽوڙڻ کان متاثر ڌر ناهي. درخواست آرٽيڪل 184 III تحت داخل ڪئي وئي پر ڪو به آئيني جواز پيش نه ڪيو ويو.

بقايا 03 ***

تي تنقيد ڪندي مريم نواز چيو ته 2017ع تائين پاڪستان ڪامياب ترين معيشتن ۾ شامل هو. توهان سازش ذريعي اقتدار ڏانهن رستا پيدا ڪرڻ بند ڪريو. مزدورن جون حالتون بهتر ٿي وينديون. اڄ 2 روپين جي ماني 25 روپين جي آهي ته پوءِ قصور وار ڪير؟ خان اڪيلو ذميوار ناهي. سڄو گروهه ذميوار آهي. مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر خطاب دوران مخالفن کي آگاهه ڪيو ۽ چيو ته اهي ثاقب نثار هجن يا فيض حميد. اهي سڀ ان گينگ جو حصو آهن. جسٽس کوسا چيو ته مون وٽ اچو. نواز شريف کي رستي تان هٽائي ڇڏيندس. هو چاهين ٿا ته جلد چونڊون ڪرايون وڃن. ٻي صورت ۾ اليڪشن کٽڻ وارو ڪير به نه هوندو. هن چيو ته عمران پاڻ جنرل باجوه جي درخواست تي اسيمبليون ٽوڙڻ جو چيو. ثاقب نثار اڃا تائين عمران کي آڻڻ لاءِ زور لڳائي رهيو آهي. ثاقب نثار جو پٽ 1 ڪروڙ 20 لک رپيا رشوت وٺندي گرفتار ٿي ويو آهي. ثاقب نثار ٻڌايو ته هن هڪ ڪروڙ 20 لک ٽڪيٽ لاءِ ورتي. پاناما جي ڪيتري هئي؟ مريم نواز چيو ته عمران خان هر روز ڪاري ڪتلي پائي ٻاهر نڪرندو آهي. سياسي ورڪر جي حيثيت ۾ اها شرم جي ڳالهه آهي. ليڊر هميشه سينه کليل نظر اچن ٿا. بليڪ باڪس سان نه ٿا اچن. چون ٿا ته اسيمبليون بحال ٿيڻ گهرجن. ڇا توهان جي پيءُ جو ملڪ آهي؟ عمران واچ وڪڻڻ جو ڪاروبار شروع ڪيو پوءِ سنڌس زال پنڪي پيرني الڳ دڪان کوليو هن وڌيڪ چيو ته جنهن نواز شريف کي چور چيو ان جو پنهنجو پٽ به چور نڪتو. سپريم ڪورٽ جي جج جو چوڻ آهي ته هتي ڪرپٽ سياستدان آهن. پارليامينٽ به سپريم آهي.

بقايا 04 ***

۾ چور ڪارٽون وجهي رهيا آهن؟ شاهه محمود قريشي چيو آهي ته حڪومت کان چونڊن تي ڳالهين ۾ ڊگهي وقفي جو مطالبو ناهي ڪيو. حڪومت کان به سيٽون طلب ڪيون آهن. ٽين سيٽ سپاٽي آهي. جيڪڏهن حڪومتي اتحاد ۾ اتفاق نه ٿيو ته پوءِ حڪومت جو ساٿ ڏين. پارٽي پنهنجو نقطه نظر سپريم ڪورٽ ۾ ڪنڊي. عدالت ۾ پيش ڪندي.

بقايا 05 ***

ورڪرز پارٽي، حمالي مزدور يونين، مزدور يونين پاران گلاب لغاري حيدرآباد روڊ کان پيادل ريلي ڪڍي گلاب لغاري پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي عقيل خان لغاري، سرمد لغاري، اشرف لغاري، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ به مزدورن سان ناانصافي ٿي رهي آهي جيڪا اجرت ملڻ گهرجي اها پوري نه ٿي ڏني وڃي اعلان ته ڪيا وڃن ٿا پر عمل نه ٿو ڪيو وڃي جنهن سبب مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهي. هن ملڪ خاص طور سنڌ ۾ مزدور جو اولاد تعليم ۽ گهرڀاتي صحت جي سهولتن کان به محروم بڻيل آهن. مزدورن سان انصاف ڪري انهن کي حق ڏنا وڃن. اسان سمورين پارٽين جا اڳواڻ مطالبو ٿا ڪريون ته مزدور طبقي کي خوشحال بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ جيڪي ادارا آهن انهن ۾ سنڌين کي روزگار ڏنو وڃي ته جيئن اهي پنهنجي ٻارن سان گڏ اولاد کي پڙهائي لکائي سگهن. اسان شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا جن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي مزدور طبقي جو ڳاٽ اوچو ڪيو. بدين ۾ پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي قومي عوامي تحريڪ سنڌ ترقي پسند پارٽي ورڪرز يونين جي طرفان قاضيا واهه چوڪ کان پريس ڪلب تائين شاهنواز سيال سانول گوپانگ محمد اقبال برڙو رشيد گوپانگ زين شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڳڏيل ريلي ڪڍي وئي هن موقعي تي شڪاگو جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪندي اڳواڻن چيو ته شڪاگو جي پورهيتن سرمائيدارن ۽ انهن جي پلو ظالم حڪمرانن جي خلاف پنهنجي حقن جي حاصلات جي پاداش ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري سامراج کي پورهيتن کي سنڌن حق ڏيڻ تي مجبور ڪيو کين سرخ سلام پيش ڪيون ٿا هنن چيو ته سامراج ۽ ان جا سرمائيدار جاگيردار وڏيرا اڄ به پورهيتن سان ظلم جاري رکندي پنهنجي ٿي مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت 25 هزار ماهوار تي عمل نٿا ڪن ۽ غريب پورهيتن سان ظلم ڪري سنڌن استحصال ڪري رهيا آهن جنهن جي خلاف پورهيتن کي هڪ ٿي جدوجهد ڪري پنهنجا حق حاصل ڪرڻا پوندا. نوشهرو فيروز ۾ شڪاگو جي شهيدن جي ياد ۾ ريلي مزدور اتحاد زنده آباد جا زوردار نعره نوشهرو فيروز فوڊ گدام کان فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن ساهتي ويلفيئر آرگنائيزيشن پليدار يونين پاران ڳڏيل ريلي ڪڍي وئي جيڪا نيشنل پريس ڪلب پهتي ريلي جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مزدورن جي تاريخ وڏائي وڃي مزدورن جي حالت شڪاگو جي شهيدن جي حالت کان وڌيڪ خراب آهي مزدور جي ڏهاڙي وڌائي وڃي هن ڏهاڙي مان ته مزدورن جو هڪ ويلو به نٿو ٿئي مزدور فاقا ڪشي تي مجبور آهن حڪومت سنڌ فوڊ کاتي ۾ ٽيل ڪرپشن جو نوٽيس وٺي ملازمن کي ٽائيم اسڪيل فوتي ڪوٽا ۽ رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي ٻيا صوبا گروپ انشورنس ڏئي چڪا آهن سنڌ حڪومت عمل ڪري وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت مهانگائي جي حساب سان پگهارون ۽ ڏهاڙي وڌائين ورنه ملڪ گير احتجاج ڪنداسين اهڙن خيالن جو اظهار جاويد يونس راڄپر خادم حسين مري محمد بخش مختيار ڪلهوڙو رفيق راڄپر نويد عمران سيد شڪيل شاهه ۽ ٻين ڪيو سمورن مزدورن مطالبو ڪيو ته ملازمن جي پگهار سوني جي تولي برابر ڪئي وڃي

بقايا 06 ***

8 ماڻهن کي NIRC جو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌ سماءَ واري وزارت پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب رٽائرڊ سرڪاري ملازم سيد نور الحسنين کي اين آءِ آر سي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. رٽائرڊ جج عبدالقيوم، سهيل اڪرم، زبير خان ۽ شبير اعوان کي به ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. وڪيل سراج الاسلام، عبدالغني ۽ منور حسين طوري کي به اين آر سي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. ڪابينا اطلاعات واري وزارت جي سمري تي انهن خالي جاين تي مقررين جي منظوري ڏني هئي. اين آءِ آر سي جون اهي پوسٽون 9 مهينن کان خالي هيون. هي ڪميشن مزدور تنظيمن کي به رجسٽر ڪري ٿي.

بقايا 07 ***

تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پورهيتن جي ڀلائي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي تاريخي قدم کنيا آهن. ملڪ ۾ مزدورن جي بهتري لاءِ جيڪي به پاليسيون جوڙيون ويون آهن انهن جو ڪريڊٽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڏانهن وڃي ٿو. شهيد ڀٽو کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري کان وٺي چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري تائين مزدورن ۽ هارين جي ڀلائي پيپلزپارٽي جي ترجيحن ۾ شامل رهي آهي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي پهرين مزدور پاليسي ڏئي مزدورن کي تحفظ فراهم ڪيو. صدر آصف علي زرداري 18هين ترميم تحت مزدورن جي ادارن جا اختيار صوبن کي منتقل ڪيا. 18هين ترميم تحت سنڌ حڪومت اهم قانون سازي ڪئي آهي. جنهن جو مثال ٻين صوبن ۾ نه ٿو ملي. اطلاعات کاتي واري صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت سيسي ۾ پورهيتن جي نمائندگي وڌائي ڇڏي آهي. زراعت جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت مزدورن لاءِ بينظير ڀٽو مزدور ڪارڊ جاري ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت گهريلو مزدورن کي تحفظ لاءِ قانون سازي ڪئي آهي. هن چيو ته اسان کي فخر آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي مزدورن ۽ هارين جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي وچن ڪري ٿي ته مزدورن جي ڀلائي لاءِ وڌيڪ قدم کنيا ويندا

بقايا 08 ***

کان انڪار جمهوريت جي خوبصورت نشاني آهي. اها ڳالهه حڪومتي ڳالهين واري ٽيم جي ميمبر ڪشور زهرا ميڊيا سان خصوصي ڳالهه ٻولهه دوران چئي. سنڌس چوڻ هو ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جون ڳالهيون سٺي نموني سان ڪم ڪري رهيون آهن. ڪشور زهرا جو وڌيڪ چوڻ آهي ته حڪومت ڳالهين لاءِ تيار آهي. حڪومتي ڳالهين واري ٽيم جي ميمبر جو اهو به چوڻ آهي ته اتحادي حڪومت جي حڪمت عملي ملڪ کي بچائڻ آهي.

بقايا 09 ***

مزدورن جا ٻار تعليم حاصل ڪري سگهن. ڊاڪٽر، بڻجي انجنيئر ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. اسڪالرشپ جي رقم 1500 مان وڌائي 6000 ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ٻارن جي يونيفارم ۽ اسٽيشنري جي رقم ٻيڻي ڪئي وئي آهي. سڄي دنيا ۾ پاڪستاني مزدورن کي 39 لک رپيا ادا ڪيا ويا آهن. هڪ سال جي مدي ۾ ساڍا 8 لک ماڻهن کي روزگار لاءِ پرڏيهه موڪليو ويو آهي. صحافين کي اي او بي آءِ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ قانون سازي ۽ آئيني ترميم جي سمري وفاقي ڪابينا ڏانهن موڪلي وئي آهي. جنهن جي منظوري ڪانپوءِ اهو ممڪن ٿيندو صحافين ۽ انهن جي ٻارن کي صحت ۽ تعليم سميت سمورين سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو. جنهن کي خطاب ڪندي وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته اڄ پهرين مئي جي حوالي سان عزم ڪريون ٿا ته مزدورن جي ڀلائي لاءِ سفر جاري رکنداسين. شهيد ذوالفقار علي، شهيد ڀٽو مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جو بنياد رکيو. شهيد ڀٽو هميشه روٽي ڪپڙا مڪان جو نعرو بلند ڪيو. اڄ لکين مزدورن کي گهر مليا آهن. ان موقعي تي تقريب کي پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان ورڪرز فيڊريشن ۽ سي ڊي اي يونين جي صدر چوڌري ياسين. هن چيو ته پهرين مئي تي پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ اڄ تجديد عهد جو ڏينهن آهي. ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام آهي ۽ ان جا اثر غريبن تي پيا آهن. ايندڙ وقت ۾ مهانگائي جي تناسب سان پگهارون وڌائڻ گهرجن. ڪانٽريڪٽ ملازمن کي روزاني اجرت مستقل ڪئي وڃي. ميڊيا ورڪرز لاءِ ڪو به پيڪيج ناهي. پارليامينٽ قانونسازي ڪري ۽ صحافين لاءِ ويلفيئر فنڊ قائم ڪري. اسان سڀ هڪ آهيون. بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي. شڪاگو جي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. اسان کي به پنهنجو احتساب ڪرڻو آهي. اسان کي پنهنجو احتساب ڪرڻو آهي. اڄ صحافين لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. هي ڏينهن ظلم خلاف آواز اٿارڻ جو ڏينهن آهي. تقريب کي پنهنجي خطاب ۾ پي ايف يو جي جي صدر افضل بٽ چيو ته شڪاگو جا ڪارڪن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪن ٿا. اڄ هڪ نئين دور ۽ ڳڏيل جدوجهد جو ڏينهن آهي. سڀني ڳڏجي فيصلو ڪيو ته جيڪو به مزدور آهي ان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. پورهيتن جو وجود مشڪل ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اخبارن ۽ ٽي وي چينلن جا مزدور صرف پنهنجن مفادن جي ڳالهه ڪندا رهندا ته مسئلا حل نه ٿيندا. هن چيو ته سنڌن مسئلن جي فوري حل جي سخت ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ هن دور ۾ مزدورن جو استحصال ٿي رهيو آهي. ان استحصال خلاف پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارڻو پوندو. ان لاءِ مزدورن کي ٻاهر نڪرڻو پوندو. سمورن مزدورن کي متحد ٿيڻو پوندو. نيشنل پريس ڪلب مزدورن جي حقن جو ضامن آهي ۽ اڄ جي تقريب کي ٻين مزدور اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو ۽ شڪاگو جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو.

بقايا 10 ***

ته سنڌ ۾ 32 (23 سيڪڙو) ڪيس رپورٽ ٿيا 3 مئي تي ملهايو ويندڙ ورلڊ پريس فريڊم ڊي کان اڳ جاري رپورٽ ۾ چيو ويو ته ڪجهه ئي مهينن ۾ ملڪ جو ميڊيا ماحول خطرناڪ ۽ وڌيڪ تشدد وارو ٿي ويو آهي مئي 2022 کان مارچ 2023 وچ ۾ حملن جو انگ 63 سيڪڙو وڌي 140 ٿي ويو جيڪو 2021_22 ۾ 86 هو رپورٽ ۾ جائزي هيٺ مدي دوران پاڪستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 صحافين جي قتل جو به ذڪر ڪيو ويو آهي فريڊم نيٽ ورڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اقبال خٽڪ ٻڌايو ته صحافين جي خلاف تشدد ۾ اضافو پريشان ڪندڙ آهي ۽ فوري ڌيان جو گهرجائو آهي هن چيو ته غيرجانبدار صحافين تي حملي سان اهم ڄاڻ تائين پهچ رڪجي وڃي ٿي جيڪا خاص طور تي جاري سياسي ۽ معاشي بحران دوران تباهه ڪندڙ آهي جڏهن عوام کي ڀروسي جوڳي خبر جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن اهم مسئلن کي سمجهي سگهي اقبال خٽڪ چيو ته پاڪستان 2021 ۾ صحافين جي تحفظ جي حوالي سان قانونسازي ڪندڙ ايشيا جو پهريون ملڪ بڻيو جڏهن ته ڏيڍ سال بعد وفاق ۽ سنڌ ۾ صحافين جي تحفظ جي قانونن ڪنهن هڪ صحافي جي به مدد نه ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي خلاف تشدد ۾ اضافو ٿيو هڪ بيان ۾ هن چيو ته فريڊم نيٽ ورڪ وزيراعظم شهبازشريف تي زور ڏنو ته هو 2 نومبر 2022 تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس ۾ ڪيل واعدن کي بنا دير پورو ڪري صحافين جي خلاف ڏوهن کان ڇوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ بين الاقوامي ڏينهن جي موقعي تي پروٽيڪشن آف جرنلسٽ اينڊ ميڊيا پروفيشنلز ايڪٽ 2021 تحت گهربل حفاظتي ڪميشن کي اطلاع ڪيو ته جيئن پارليامينٽ طرفان ٻطرفي حمايت سان منظور ٿيندڙ قانون صحافين جي مدد ڪرڻ شروع ڪري سگهي هن سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه تي به زور ڀريو ته هو سنڌ پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ٻين ميڊيا پريڪٽشنرز ايڪٽ 2021 تحت پنهنجي نوٽيفائيڊ صوبائي سيفٽي ڪميشن کي وسيلن سان سرشار ڪري ته جيئن هي صحافين جي مدد ڪري سگهي ۽ کين صوبي ۾ انهن جي خلاف ٿيندڙ ڏوهن کان ڇوٽ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهجي پاڪستان ۾ گذريل 11 مهينن ۾ صحافين جي خلاف 140 حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هر مهيني ۾ 13 ڪيس رپورٽ ٿين ٿا يا وري آزاد صحافت جون ڀڃڪڙيون اٽڪل هر ٻئي ڏينهن ٿين ٿيون.

بقايا 11 ***

ظلم پورهيتن، هارين ۽ پگهاردار طبقي تي ٿيو ملڪي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به ناهي ٿيو عمران خان پاڪستان ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا. پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان پنهنجا اي ٽي ايمز ۽ امير طبقن کي نوازڻ واري پاليسين جو هرجائو هاڻ ملڪ ڀوڳي رهيو آهي. مزدورن جي عالمي ڏينهن تي پيغام ڏيندي پرڏيهي وزير چيو ته پيپلز پارٽي پورهيتن جي حقن تي ڪنهن به مصلحت جو شڪار نه ٿيندي. مزدور خوشحال هوندو ته پاڪستان خوشحال هوندو. مزدورن ۽ هارين کي اسيمبلين ۾ نمائندگي ڏيارينداسين. ايندڙ چونڊن ۾ جيڪڏهن عوام مينڊيٽ ڏنو ته پورهيتن جي لاءِ بينظير مزدور ڪارڊ جهڙيون اسڪيمون شروع ڪنداسين. هن چيو ته معاشري جي ڪرنگهي جي هڏي مزدور آهن. اڄوڪي ڏينهن شڪاگو جي شهيدن کي خراج عقيدت ۽ پاڪستان جي پورهيتن کي سلام پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. بلاول ڀٽو چيو ته اها به تاريخ رهي آهي ته هن ملڪ ۾ پورهيت طبقي جي حقن جي ڳالهه ۽ ان تي عمل جي شروعات پيپلز پارٽي کان پوءِ شروع ٿيو ملڪ ۾ پهريون ڀيرو مزدور پاليسي شهيد ڀٽو متعارف ڪرائي. شهيد بينظير پڻ مختصر حڪومت دوران مزدورن جي حقن ۽ تحفظ جي لاءِ انقلابي قدم کنيا. آصف علي زرداري جي قيادت هيٺ عوامي حڪومت بينظير ايمپلائيز اسٽاڪ آپشن اسڪيم جي شروعات ڪئي. اڳوڻي صدر جي حڪومت دوران پگهارن ۽ پينشن ۾ رڪارڊ اضافو ٿيو غربت جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل پروگرامن ذريعي لکين خاندانن کي غربت جي دلدل مان ٻاهر ڪڍڻ به عوامي حڪومت جو حصو آهي. ملڪ جو مزدور ۽ پورهيت طبقو وڏ کان وڏ پ ب ۾ شامل ٿي ان کي وڌيڪ طاقتور بڻائي ته جيئن پيپلز پارٽي کين حق ڏياري ۽ تحفظ فراهم ڪري سگهي.

بقايا 12 ***

ماڻهو ايشوز کي غلط رنگ ڏئي عجيب ڪيفيت پيدا ڪرڻ چاهين ٿا. پنهنجي بيان ۾ چوڌري شجاعت چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پوليس رات جو پرويز الاهي جي گهر وئي. پوليس کي ٻڌايو ويو ته پرويز الاهي منهنجي گهر آهي. جنهن تي پوليس منهنجي گهر هلي آئي. سنڌس موجب پوليس وارا اڳتي وڌي رهيا هئا ته منهنجي پٽن کين روڪيو. منهنجا ٻئي پٽ ان صورتحال ۾ زخمي ٿي پيا. ان سڄي معاملي ۾ جيڪو طريقو ڪار اختيار ڪيو ويو اهو قبول ناهي. هن چيو ته ملڪ اڳ ئي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. ڪجهه ماڻهو ايشوز کي غلط رنگ ڏئي عجيب ڪيفيت پيدا ڪرڻ چاهين ٿا.

بقايا 13 ***

جي دفاع تي سمجهوتو ڪرڻ برابر آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جاويد لطيف دعويٰ ڪئي ته عمران خان کي واپس آڻڻ لاءِ سهولتڪاري ڪئي پئي وڃي. قوم ۾ انتشار پکيڙيندڙ شخص سان ڪهڙي بنياد تي ڳالهيون ڪيون پيون وڃن؟ جاويد لطيف چيو ته دهشتگردن سان ڪڏهن به ڳالهيون نه ٿينديون آهن. پيٽرول بم اڇلائڻ وارن ۽ جيڪي عالمي طاقتن جا اوزار آهن. انهن سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ناهي. قوم مطالبو ڪري ٿي ته نواز شريف خلاف سازش ڪندڙن سان سمجهوتو ڪرڻ بدران انهن سازشن کي انجام ڏيندڙ ادارن جي اهلڪارن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. هن چيو ته آئين ۽ قانون جو اطلاق رڳو 90 ڏينهن واري اليڪشن ۾ ٿيندو آهي. مسلم ليگ ن جي غلطين جو اعتراف ڪريون ٿا. قوم کي سچ ٻڌائڻ گهرجي ها. ڇا اها قوم جي خواهش ناهي ته سمورا ادارا هڪ صفحي تي هجن؟ هن چيو ته عالمي سطح تي پاڪستان جو ڪيس بهتر انداز ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. ڪڻڪ جي پيداوار تمام گهڻي هئي. معيشت بهتر ٿي رهي آهي.

بقايا 14 ***

مانيٽرنگ آفيسر تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي لکت ۾ نوٽيس پڻ موڪلي ڇڏيو آهي. ضلعي مانيٽرنگ آفيسر عمران خان کي موڪليل لکت نوٽيس ۾ چيو آهي ته مزدورن جي عالمي ڏينهن تي اوهان جي اڳواڻي ۾ لبرٽي چوڪ کان ناصر باغ تائين ريلي ڪڍي ويندي. نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته سياسي پارٽين، اميدوارن تي پابند آهي ته هو جلسن ۽ جلوسن کان اڳ ضلعي انتظاميا کي آگاهه ڪن. اڳوات اجازت کانسواءِ ريلي منعقد ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جي ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي آهي.

بقايا 15 ***

موجب شهر ۾ هڪ هنڌ 5 يا 5 کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي پابندي هوندي. ڊپٽي ڪمشنر جو چوڻ آهي ته پابندي سڪيورٽي جي نازڪ صورتحال کي نظر ۾ رکندي لاڳو ڪئي وئي آهي. خلاف ورزي ڪندڙن خلاف قلم 188 تحت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 16 ***

نثار جڏهن منصف هو تڏهن هو ڇا نه ڪندو هو؟ هن چيو ته عمران خان کي سازش تحت مڙهيو ويو. پي ٽي آءِ حڪومت جي نااهلي سبب ملڪ ۾ دهشتگردي ڪر کنيو. سمجهه کان مٿانهون آهي ته دهشتگردن کي واپسي جو رستو ڇو ڏنو ويو. راڻا ثناءالله وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت ڇاڻي واري ايل اين جي درآمد نه ڪئي. ملڪ ۾ سمورن وڏن منصوبن جو ڪريڊٽ مسلم ليگ (ن) ڏانهن وڃي ٿو.

بقايا 17 ***

ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي ترقي مزدورن جي خوشحالي تي منحصر آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ علي هائوس ڪراچي ۾ مزدورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مزدور اڳواڻن جي وفد سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو وائيس چيئرمين نجمي عالمي، پيپلز ليبر بيورو سنڌ جو صدر حبيب جنڊي، واٽر بورڊ پيپلز ليبر بيورو جو صدر لياقت مگسي، ليبر بيورو جو سيڪريٽري محسن رضا ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. هن چيو ته پورهيت طبقو ڪنهن به ملڪ يا سماج جي ترقيءَ ۽ ريڙهه جي هڏي وانگر هوندو آهي. هن چيو ته اڄوڪو ڏينهن مزدورن ۽ انهن جي حقن کي اجاگر ڪرڻ جو ڏينهن آهي ۽ پيپلز پارٽي مزدورن ۽ هارين جي پارٽي آهي ۽ پيپلز پارٽي هميشه انهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. صوبائي وزير چيو ته پيپلز پارٽي مزدورن جي ڀلائي ۽ سنڌن انقلابي جدوجهد جي ڪاميابي تي يقين رکي ٿي. پيپلز پارٽي هميشه مزدورن ۽ پورهيت طبقي جي بحالي ۽ انهن جي روشن مستقبل لاءِ قدم کڻندي رهي آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت مزدورن جي وڌيڪ بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه مزدورن جي جدوجهد ۾ ساڻن گڏ بيٺل رهندي ڇاڪاڻ ته ملڪ جي ترقي ۾ مزدورن جو اهم ڪردار آهي. هن چيو ته مزدور نيڪ نيتي ۽ ايمانداري جي شاندار روايتن جا امين آهن ۽ صوبائي حڪومت مزدورن جي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته پورهيت طبقي جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن ۽ پاڪستان جي ترقي مزدورن جي خوشحالي ۾ ئي منحصر آهي. پيپلز پارٽي جي جدوجهد مزدورن کي سنڌن جائز حق ڏيارڻ لاءِ اڳتي وڌي رهي آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ايندڙ چونڊن ۾ ڪامياب ٿي پورهيت طبقي جي خوشحالي لاءِ قدم کڻندي.

بقايا 18 ***

زيارت، ڪيچ، گوادر، لسبيلا مڪران ڊويزن ۾ برسات پئي پئي طرف سنڌ بلوچستان جي ٻن اهم قومي شاهراهن جا شگاف مٽي سان پرچي ويا آهن ڪوئيٽا_ڪراچي هاءِ وي تي لسبيلا ۽ ڪوئيٽا_سبي هاءِ وي تي بولان ۾ ٽائل هلڪي ٽريفڪ کي بحالڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي هرنائي_پنجاب هاءِ وي تي مختلف هنڌن تي ٻوڏ سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي. ڪيچ ۾ برسات ڪانپوءِ ميراڻي ڊيم ڀرجي ويجهو آهي. پاڻي جي سطح 243.70 فوٽ تي پهچي وئي آهي، جڏهن ته ميراڻي ڊيم ۾ اسپيل وي جي سطح 244 فوٽ آهي ان کان علاوه لاهور جي مختلف علائقن ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي. ڪالهه ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي رهي. جڏهن ته ٿڌيون هوائون به هلڻ شروع ٿي ويون. ڪراچي ۾ اڄ ٻيهر هلڪي برسات جو امڪان آهي.

بقايا 19 ***

سبب خودڪشين تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي ايڇ آر سي پي چيو ته معاشي نابرابري کي گهٽائڻ لاءِ فوري زرعي سڌارا آڻڻ گهرجن. مهانگي هائوسنگ سوسائٽين ۾ اضافو پريشان ڪندڙ آهي چيو ته ان سان زرعي زمين جو نقصان ٿيندو. ايڇ آر سي پي موجب آدمشماري بابت خدشن ۽ ڪٿب مڪمل نه ٿيڻ جي الزامن کي نظر ۾ رکيو وڃي. سمورن صوبن ۾ مقامي حڪومتن کي حقيقي طور تي بااختيار بڻايو وڃي. عدليه جي احتساب واري نظام کي موثر بڻايو وڃي ۽ ججن جي مقرري ۾ شفافيت آڻي. ايڇ آر سي پي جو چوڻ آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٻوڏ جا وڌندڙ امڪان به پريشاني جو باعث آهن. رياست کي گهرجي ته هو ڪمزور طبقن جي حقن جي تحفظ لاءِ منظم ڪوششون ڪن. هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان وڌيڪ چيو ته پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ ميڊيا پروفيشنلز ايڪٽ 2021 تحت صحافين جي تحفظ لاءِ قائم ڪيل ڪميشن کي فعال ڪيو وڃي.

بقايا 20 ***

ککڙ ٿاڻي ۾ مهوش نالي عورت جي مدعيت ۾ هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ عورت چيو آهي ته جوابدار عمر سرفراز چيمه ۽ تنوير صفدر جي چوڻ تي مون کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ايف آءِ آر ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن فاروق، قدوس، صادق، ذيشان ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي منهنجي فصل کي به تباهه ڪيو جوابدارن تشدد جو نشانو بڻائيندي ڪپڙا به ڦاڙيا انهن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 21 ***

پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسرت هلالي جي مقرري جي سفارش ڪري ڇڏي. ياد رهي ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جوڊيشل ڪميشن جو سينئر ميمبر آهي.

بقايا 22 ***

ملين ڊالرز جا قرض ۽ ٻيا معاملا خوش اسلوبي سان حل ڪرڻ چاهين ٿا. يقيناً اها ڳالهه خوش آئند آهي خاص ڪري پي ٽي سي ايل پينشن وارن لاءِ پي ٽي سي ايل پينشنرز اظهر جاويد صوفي محمد اعظم قريشي مسعود احمد ڀٽي سيد راشد انور محمد سليم خان محمد مسعود فريدي عبدالخالق پي ٽي سي ايل جا 40000 پينشنرز جن ۾ 12000 بيواهه شامل آهن. پي ٽي سي ايل جي پينشنرز ڳڏيل بيان ۾ وزيراعظم ۽ نائي واري وفاقي وزير کان پرزور گذارش ڪئي ته جڏهن ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ته اسان پينشنرز کي به ياد ڪيو وڃي. جنهن جو اعلان حڪومت پاران 2010ع کان پي ٽي سي ايل جي پينشنرن ۾ ڪيل واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي. پينشن کان محروم آهي پر پي ٽي سي ايل انتظاميا پنهنجي من ماني ڪري پينشن ۾ ڪٽوتي ڪري رهي آهي. جنهن سبب پينشن وٺندڙ هن مهانگائي جي دور ۾ پريشان آهن.

بقايا 23 ***

جي پوري ڏني وئي آهي. اڄ به ڪراچي جي ملزمان 140 ٽرڪون ڪڻڪ ڀري رهيون آهن. ايسوسي ايشن مصنوعي بحران پيدا ڪري مال اسٽاڪ ڪرڻ چاهي ٿي. هن وقت تائين 4 ارب رپين جي ڪڻڪ ملز کي ملي چڪي آهي. انهن کي 200 ڪڻڪ جون ٽرڪون ٻين شهرن مان ڪراچي اچڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. سنڌ جي خوراڪ کاتي موجب ڪڻڪ جي اسمگلنگ روڪڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 24 ***

پيش ڪندو. ان حوالي سان اتحادي پارٽين کان تجويزون ورتيون وينديون ذريعن موجب ترقياتي فنڊز تي به اهم فيصلا ڪندي ان تي عمل تيز ڪيو ويندو. واضح رهي ته وفاقي حڪومت ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي وچ ۾ اسٽاف سطح جي معاهدي ۾ دير سبب ايندڙ مالي سال 2023_24 جي وفاقي بجيٽ جي تياري ۾ سخت پريشانين جو انڪشاف ٿيو آهي.

بقايا 25 ***

ٽوئن اسٽيٽس قرار ڏيڻ واري تجويز تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. چيئرمين امريڪي پاڪستاني پبلڪ افيئرس ڪميٽي ڊاڪٽر اعجاز احمد سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري جي اعزاز ۾ آجيان ڪئي نيويارڪ اسٽيٽ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر فل راموس پڻ استقباليه ۾ شرڪت ڪئي. ڪامران ٽيسوري ۽ فل راموس ڳالهه ٻولهه دوران سنڌ ۽ نيويارڪ کي ٽوئن اسٽيٽس قرار ڏيڻ جي تجويز تي وڌيڪ غور ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ان سلسلي ۾ نيويارڪ اسٽيٽ اسيمبلي جو وفد جلد سنڌ صوبي جو دورو ڪندو ٽوئن اسٽيٽس سنڌ ۽ نيو يارڪ جي يونيورسٽين، اسپتالن ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ تعاون کي وڌائيندو شاگردن جي وفدن جي مٽاسٽا ۽ روشن شاگردن لاءِ اسڪالر شپ پڻ ڏنا ويندا.

بقايا 26 ***

جي رپورٽن موجب نيوزيلينڊ جي وزيراعظم ۽ حڪمران پارٽي ليبر جي سربراهه ڪرس هپڪنز لنڊن ۾ بادشاهه چارلس ٽئين جي تاجپوشي واري تقريب ۾ شرڪت لاءِ آڪلينڊ کان روانو ٿي ويو آهي. روانگي کان اڳ صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته هو ٻنهي ملڪن (نيوزيلينڊ ۽ برطانيا) جي فيبروري 2022ع جي آزاد تجارتي معاهدي کي تيزي سان اڳتي وڌائڻ لاءِ برطانوي وزيراعظم رشي سونڪ سان ملاقات ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته وقت سان گڏوگڏ نيوزيلينڊ هڪ مڪمل طور آزاد ملڪ جي حيثيت سان آئرلنڊ ۽ دنيا جي ٻين آسريل ملڪن وانگر پنهنجن پيرن تي بيهي ڏيکاريندو. ان سان گڏوگڏ هن چيو ته اها خواهش ڪا ترجيح يا اهڙي شيءِ نه هئي جنهن تي هو پنهنجي منشور طور زور ڏئي ها ڇاڪاڻ جو شايد اڃا ان لاءِ صحيح وقت ناهي. آءِ سنڌس چوڻ هو ته هن کي لڳي ٿو ته نيوزيلينڊ جي گورنر جنرل واري نظام کي متبادل جمهوري نظام ۾ تبديل ڪرڻ هڪ فوري ترجيحي پاليسي آهي پر جمهوريت طرف وک وڌائڻ واري معاملي تي عوامي حلقن ۾ بحث ٿيڻ گهرجي.

بقايا 27 ***

ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي فاطمه ڀٽو پاران شادي ڪانپوءِ پنهنجي ور گراهم جبران سان گڏ ڳڙهي خدابخش، سر شاهنواز ڀٽو ۽ لاڙڪاڻي شهر جو دورو ڪيو ويو آهي فاطمه ڀٽو پنهنجي ور جبران ۽ ڀاءُ ذوالفقار جونيئر سان گڏ ڳڙهي خدابخش ۾ شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي.

بقايا 28 ***

سڪندر ڪرلهي اغوا ڪري زيادتي جو نشانو بڻايو پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جوابدار مون کي اڳتي ڏيکاريندي چيو ته تون ڪجهه به نٿي ڪري سگهين جاري جو چوڻ هو ته مان سنڌ جي نياڻي آهيان. ظلم ڪيو ويو آهي. نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 29 ***

گير احتجاج جي سلسلي ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين ڀرپور احتجاج ڪيو ويو. ان ڏس ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نواب شاهه، سکر، نوشهروفيروز، شهدادڪوٽ، ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، تنگواڻي، لاڙڪاڻو ڪوٽڙي، دادو عمرڪو عمرڪوٽ ۽ ملير سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا، سيمينار جلسا جلوس ڪڍيا ويا جن جي اڳواڻي

بقايا 30 ***

رياض چانڊيو، ايس يو پي جي روشن برڙو، سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون آدمشماري کي رد ڪندي چيو آهي ته صرف ڪراچي ۾ آدم شماري جو مدو وڌائڻ سنڌ تي حملو آهي. حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجي چيو ته جعلي آدم شماري قبول ناهي. ڊجيٽل آدم شماري ذريعي سنڌ کي نشانو بڻايو پيو وڃي. ڪوڙي آدم شماري کي سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو رد ڪري چڪا آهن. اسين وزيراعظم شهباز شريف، آصف زرداري، مخالف ڌر جي وڏي جماعت پي ٽي آءِ کي چئون ٿا ته توهان جي ايجنڊا ۾ سنڌ ناهي. اسين عدالتن کي به چئون ٿا ته توهان فڪر منداهيو ته لاهور تي حڪمراني ڪير ڪندو. سنڌ توهان جي ايجنڊا تي ناهي. سنڌ جا سياسي قيدي جيلن ۾ سڙي رهيا آهن پر مخصوص ماڻهن کي 50 ڪيسن ۾ هڪ ئي وقت ضمانت مليو وڃي. سپريم ڪورٽ جو ڪوڙي آدم شماري، هٿرادو ٻوڏ ۽ ڌاڪار سان واسطو ناهي. اڳ ۾ عمران خان ڪراچي ۾ دهشتگردن کي نفيس ماڻهو قرار ڏنو ايم ڪيو ايم ۽ هڪ مذهبي پارٽي جي چوڻ تي اسان تي ڪوڙي آدم شماري مڙهي وئي آهي. ايم ڪيو ايم کي غير قانوني پرڏيهين تي اعتراض ناهي. بهارين، بنگالين، برمين تي اعتراض ناهي. انهن کي ڪراچي ۾ ريڙها هلائيندڙ ۽ مزدوري ڪندڙ سنڌين تي اعتراض آهي. لاهور ۾ چيو وڃي ته فصل آباد، گجرانوالا جا ماڻهو ڇو آيا آهن. ڪوئيٽا ۽ پشاور ۾ چيو وڃي ته اتي انهن صوبي جي ٻين ضلعن جا ماڻهو ڇو آيا آهن. ڪراچي سنڌ جو گادي وارو شهر آهي، سنڌين جو تخت گاهه آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي حڪومت باز اچي. سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نه لڳايو وڃي. چيف جسٽس صاحب توهان آئين جي خلاف ورزي ڪري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرائي رهيا آهيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ايڪشن ڪميٽي ۽ ٻين سنڌ دوست ماڻهن جو اجلاس گهرائي ڪوڙي آدم شماري خلاف شٽرڊائون هڙتال جو سڏ ڏئي سگهون ٿا. انڪري فوري طور تي ڪوڙي آدم شماري کي ختم ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 01

مزدور يونين. مزدور يونين پاران مورو مين روڊ کان پيادل ريلي ڪڍي مورو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي شاهد راهو، خالد ٻگهيو، امير لغاري، رضوان، مختيار، نياز، امير بخش، سڪندر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ به مزدورن سان ناانصافي ٿي رهي آهي جيڪا اجرت ملڻ گهرجي اها پوري نه ٿي ڏني وڃي اعلان ته ڪيا وڃن ٿا پر عمل نه ٿو ڪيو وڃي جنهن سبب مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهي. هن ملڪ خاص طور سنڌ ۾ مزدور جو اولاد تعليم ۽ گهرياتي صحت جي سهولتن کان به محروم بڻيل آهن. مزدورن سان انصاف ڪري انهن کي حق ڏنا وڃن. اسان سمورين پارٽين جا اڳواڻ مطالبو ٿا ڪريون ته مزدور طبقي کي خوشحال بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ جيڪي ادارا آهن انهن ۾ سنڌين کي روزگار ڏنو وڃي ته جيئن اهي پنهنجي پاڻ سان گڏ اولاد کي پڙهائي لکائي سگهن. اسان شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا جن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي مزدور طبقي جو ڳاٽ اوچو ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 02

پريس سيڪريٽري زاهد حسين ٻرڙو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چنو، ميمبر عبدالوحيد سمون، شرڪت ڪئي اجلاس ۾ عوامي مسئلا سر تالن ۾ لڳل ڍڪا جن سبب گذريل سال وارهه شهر ٻوڏ جو شڪار بڻيو شاخن کي ڪاٽي نه ٿيڻ صحت ۽ تعليم تي رپورٽنگ تيز ڪرڻ جو لاءِ عمل جوڙيو ويو

بقايا | سنڌيار | 03

عوامي هائوس وارهه کان ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف رستن، روڊن ۽ بازارن کان ٿيندي شهيد فاضل راهو چونڪ تي پهتي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڪامريڊ سرتاج چانڊيو، ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، عرفان منان، ڪامريڊ برڪت سودر، غفار ميرجت، محمد جمن تنيو، نياز حيدري، آفتاب همت، حميد باغي، حامد چانڊيو، تنويز چانڊيو ۽ ٻين چيو ته نظام جو وهنوار هلائيندڙ پورهيت طبقو آهي، مزدورن جي محنت سان ئي ڏيهه سلامت آهي، هاري پورهيت جيڪڏهن هٿ هلائڻ ڇڏي ڏي ته هي جهان هڪ هنڌ بيهي رهندو، اها ڪيڏي نه الميه جي ڳالهه آهي جو جڳ کي جيئڻ جا ڏس ڏيندڙ مزدور طبقو هڪ ويلي جي ماني لڏ پريشان آهي، جن وڏيون وڏيون عمارتون ٺاهيون انهن کي سر لڪائڻ لڏ اجهو ناهي، جن دنيا جي بک ختم ڪري اناج اپايو انهن جا پيٽ خالي آهن اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته سرمائيداري نظام پورهيت طبقي جو ازلي ويري آهي جيڪو نٿو چاهي ته دنيا جا پورهيت سک جو ساهه کڻي هلن، اهڙي ظالم ۽ قاتل نظام خلاف پورهيت طبقي کي منظم جدوجهد ڪرڻ جي گهرج آهي. دنيا ۾ اٿين تير آهي ته پورهيتن گڏيل جدوجهد سان سرمائيداري نظام جو چٽ پٽ ٿي ڪيرائي ڇڏيو. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مزدور، هاري ۽ پورهيت پاڻ ۾ ٻڌي ۽ اتحاد ڪري سفاڪ سرمائيداري نظام خلاف جنگ جوٽي غلامي جو طوق لاهي ڇڏين.

بقايا | سنڌيار | 04

ته شڪاگو جي پورهيتن سرمائيدارن انهن جي پلو ظالم حڪمرانن جي خلاف پنهنجي حقن جي حاصلات جي پاداش ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري سامراج کي پورهيتن کي سندن حق ڏيڻ تي مجبور ڪيو ڪين سرخ سلام پيش ڪيون ٿا هنن چيو ته سامراج ان جا سرمائيدار جاگيردار وڏيرا اڄ به پورهيتن سان ظلم جاري رکندي پنهنجي ئي مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت 25 هزار ماهوار تي عمل نٿا ڪن ۽ غريب پورهيتن سان ظلم ڪري سندن استحصال ڪري رهيا آهن جنهن جي خلاف پورهيتن کي هڪ ٿي جدوجهد ڪري پنهنجا حق حاصل ڪرڻا پوندا

بقايا | سنڌيار | 05

ڪرڪيٽ گرائونڊ مان نامعلوم چورن پاران چوري ڪيل سي ڊي موٽر سائيڪل احمدپور پوليس واپس ته ڪرائي سگهي آهي ان ڏس ۾ استاد جو چوڻ هو ته نامعلوم چورن خلاف احمدپور ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي هئي پر هن وقت تائين پوليس سندس چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي نه سگهي آهي ان موقعي تي هن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته سندس موٽر سائيڪل چورن کان واپس ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 06

شيخ پنهنجي ٽيم سميت موقعي تي پهتو ۽ غير قانوني ڪنيڪشن جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي چار جوابدارن کي حراست ۾ وٺي لاڳاپيل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائي ورتو. ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جو چوڻ هو ته پاڻي چوري ۾ ملوث جوابدار ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن جڏهن ته جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏيارڻ لاءِ سندن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن واٽر بورڊ عملدارن کي هدايتون جاري ڪندي پابند ڪيو ته شهرين جي حصي جو پاڻي چوري ڪندڙن خلاف آپريشن جو دائرو وسيع ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 07

ويڊيو وائرل پروفيسر جا وارث گهر ڏٺين وٽ پهچي جان بچائي ورتي تفصيل موجب، قريشي ڳوٺ جو رهواسي سڪر جي تعليمي ڪاتي گرلس ڪاليج آغا نظام الدين ڪاليج ۾ پروفيسر طور فرض نڀائيندڙ اظهار حسين عرف علي گل قريشي رات جو ڳوٺ جي ماستر جي گهر اندر گهڙي ناري سان رنگ رليون ملهائيندي گهر ڌني سڄاڳ ٿي ويا ٻيا پروفيسر کي جاءِ واردات تي پڪڙي ڪنڪوڏنو پروفيسر جا هٿ پير اکيون ٻڌي تشدد جو نشانو بڻائي ويڊيو وائرل ڪري ڇڏي اهڙي ويڊيو وائرل ٿيڻ ۽ پروفيسر جي وارثن کي اطلاع ڏين بعد پروفيسر جو پاءِ ڊي او ايجوڪيشن پرائمري اظهر حسين قريشي پهچي ويا جن پروفيسر جي جان جو نظرانو ڏيڻ لاءِ راضپو ڏيکاري جان بچائي ورتي اهڙي پروفيسر جي ڪڌي عمل خلاف سڄاڻ ڌرين مطالبو ڪندي صوبائي وزير تعليم ڪاتي چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ سيڪريٽري تعليم ڪراچي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ت اهڙي پروفيسر جي ڪڌي عمل جو نوٽيس وٺندي نيائين جي گرلس ڪاليج مان نوڪري ختم ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 08

بروهي به شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ذميوار اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوري دنيا جيان پاڪستان ۾ به مزدورن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي مزدورن جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد مزدورن جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ آهي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شڪاگو ۾ مزدورن جي حق گهرڻ واري ڳالهه تي ڪيترن ئي ماڻهن کي شهيد ڪري خون جون نديون وهايون ويون هيون پر پوءِ به اتان جي ماڻهن مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد کي جاري رکيو. پ پ پ شهيد ڀٽو ضلع ايسٽ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران مزدورن جي حقن لاءِ شديد تعريبازي ڪئي ۽ مزدورن کي پنهنجا حق وقت سر ڏيڻ جو مطالبو هڻ ڪيو. ضلع ايسٽ ڪراچي جي صدر حاجي بگن خاصخيلي ڪامريڊ عبدالمنان چانڊيو رشيد بروهي ميڊيا جي نمائندن سان وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي اندر ڪيترن ئي فيڪٽرين اندر پوڙهيو ڪندڙ مزدورن جي حڪومت طرفان اعلانيل پگهارون نٿيون ڏنيون وڃن جنهن خلاف عنقريب احتجاج ڪيو ويندو چيو ته پ پ پ شهيد ڀٽو غريبن ۽ مزدورن جي پارٽي آهي اسان ڪي مزدورن جي حقن لاءِ جتي به آواز اٿارڻو پيو ته اتي آواز اٿارينداسين.

بقايا | سنڌيار | 09

سڪندر سيلرو، غفار پنڊراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ليبر هال مان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن جو گشت ڪرڻ بعد اناج منڊي ۾ پهچي جلسو منعقد ڪري شڪاگو جي شهيدن کي ڀيٽا ڏني ان موقعي تي اڳواڻن جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته مزدورن جي حالت اڳ کان به وڌيڪ خراب آهي جنهن ڪري مزدور سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته مزدور کي حالتن مطابق اجرت نه ٿي ڏني وڃي جنهن ڪري مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني گهڻي لاءِ به پريشان آهي هنن مطالبو ڪيو ته مزدورن جي موجوده مهانگائي مطابق اجرت وڌائي ڏني

وڃي، مزدورن کي ليبر ڪالوني ٺهرائي ڏني وڃي ۽ ان سان گڏ سوشل سيڪيورٽي مطابق اسپتال ۽ تعليم ڏني وڃي. ان موقعي تي شڪاگو جي شهيدن سميت پنهنجي محنت مزدوري وقت شهادتون ماڻيندڙ مزدور ساٿين کي سرخ سلام پيش ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 10

خانزاده محمد شاهد قريشي عبدالواحد خانزاده زين ابوالحسن راجپوت ۽ افتخار احمد سمورو وڪيل چيو ته ملڪ لوڙن تي بيو هلي حق سچ ڳالهائڻ تي عوام کي جيلن ۾ بند ڪيو پيو وڃي ڪرپشن ڪندڙ ۽ ملڪ کي تباهه برباد ڪندڙ عياشيون پيا ڪن هنن نام نهاد حڪمرانن ملڪ ۽ ملڪ جا اثاثا ڏيڊ سؤ عب روپين ۾ گروي ڪري ملڪ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي مهانگائي سبب غريب مزدور فاڪا ڪشي تي مجبور آهي حڪمرن ڏريو پنهنجي پيٽ ڀرڻ لا ملڪ جو خزانو لٽي رهيا آهن ياد رکو اهو ڏينهن پري ناهي خبر تڏهن پوندو جڏهن ملڪ جو عوام بک بيروزگاري کان تنگ ٿي توهان کي گلي مان وٺي ايوانن مان ٻاهر ڪڍندو اسان اڄ مزدورن جي عالمي ڏينهن تي مطالبو ٿا ڪريو جلد مزدور اڳواڻ مولانا هدايت الله بلوچ کي آزاد ڪيو ته هو لياري جي عوام ملاح برادري جو اڳواڻ آهي عوام جا ڪم ڪري ٿو ان ڏوهه سبب ليس جيل وڌو جي اها ڳالهه آهي ته پوءِ هي غريب عوام سان گڏ هوندو توهان جي جيل ٿان ڪان نه ٿو وڃي ۽ مزدورن جي ڏهاڙي وڌائي ۽ سندن معاشي قتلام بند ڪيو وڃي جماعت اسلامي مطالبو آهي ته فورن مولانا هدايت الله کي آزاد ڪري جماعت اسلامي جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 11

اسان وٽ مزدور طبقو جائز حق کان محروم آهي پي ٽي آءِ مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي

بقايا | سنڌيار | 12

، ديا قنبال ايسوسيئيشن جي صدر سعديه شيخ، نوشين احمد، نائلا شيخ، مديحا نازجاڪرو، سميرا چشتي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جنهن کي خطاب ڪندي سعديه شيخ، ڊاڪٽر بشر جميل چيو ته سنڌ جي وڏن شهرن جيان ٻهراڙين جي ڇوڪرين ۾ به وڏو ٽيلينٽ موجود آهي. جن کي موقعا فراهم ڪيا ويا ته هو ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري سگهن ٿيون هنن چيو ته هي نيائيون وڏيون باهمت آهن. اسان سنڌ جي نيائين کي ملڪي سطح تي متعارف ڪرائڻ لاءِ اهڙا مقابلا شروع ڪيا آهن جيڪي سنڌ جي هر ضلعي ۾ حڪومتي سطح تي به ٿيڻ گهرجن ان سان نيائين جو صلاحيتون منظر عام تي اينديون. خطاب ڪندي مديحا نازجاڪرو چيو ته راندين جي حوالي سان سهولتون گهٽ هجڻ باوجود نئي جون ڇوڪريون گهٽيل ماحول ۾ به ميدان سجائي وينيون آهن. هتان جا چونڊيل نمائند ۽ سرڪاري ادار اڳيان اچن ته نئي جون سوين نيائيون ملڪ ۽ قوم لاءِ مثال ثابت ٿي سگهن ٿيون.

بقايا | سنڌيار | 13

حالي مزدور يونين. مزدور يونين پاران گلاب لغاري حيدرآباد روڊ کان پيادل ريلي ڪڍي گلاب لغاري پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي عقيل خان لغاري ، سرمد لغاري ، اشرف لغاري، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ به مزدورن سان ناانصافي ٿي رهي آهي جيڪا اجرت ملڻ گهرجي اها پوري نه ٿي ڏني وڃي اعلان ته ڪيا وڃن ٿا پر عمل نه ٿو ڪيو وڃي جنهن سبب مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ به پريشان آهي. هن ملڪ خاص طور سنڌ ۾ مزدور جو اولاد تعليم ۽ گهرياتي صحت جي سهولتن کان به محروم بڻيل آهن. مزدورن سان انصاف ڪري انهن کي حق ڏنا وڃن. اسان سمورين پارٽين جا اڳواڻ مطالبو ٿا ڪريون ته مزدور طبقي کي خوشحال بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ جيڪي ادارا آهن انهن ۾ سنڌين کي روزگار ڏنو وڃي ته جيئن اهي پنهنجي پاڻ سان گڏ اولاد کي پڙهائي لکائي سگهن. اسان شڪاگو جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا جن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي مزدور طبقي جو ڳاٽ اوچو ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 14

تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 7 سالن جو معصوم نينگر زاهد حسين پٽ مجاهد حسين سومرو سخت زخمي ٿي پيو هيو جڏهن ته معصوم نينگر جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو آهي. معصوم نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. سندس امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، ٻئي پاسي نامعلوم ڪار ڊرائيور معصوم نينگر کي ٽڪر هڻي موقعي تي ئي فرار ٿي ويو

بقايا | سنڌيار | 15

هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا جن مٿان مزدورن جي مزدوري واري اجرت وڌائڻ سان گڏو گڏ مزدورن جا حق ن ڏيڻ جهڙا نعرا درج ٿيل هئا تفصيل موجب ـ سکر آل پاڪستان ورڪرز فيڊريشن ۽ سکر ٽريڊ يونين الائينس پاران ٻهرين مئي مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي حرا ميڊيڪل سينٽر کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا گهنٽا گهر چوڪ تان ٿيندي پريس ڪلب سکر پهتي ريلي ۾ واپڊا ملازم ـ ايريگيشن ملازم ـ ميونسپل ڪارپوريشن ـ سوئي گيس ـ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، روينيو، ٽيچرز، پي ٽي سي ايل ڪلارڪ ايسوسيئيشن جا ملازم شامل هئا مظاهرين ملازمن مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي اسان جا مزدور ملڪ ۾ مهانگائي ۽ مزدورن جي اجرت گهٽ ملڻ ڪري مزدور سخت پريشان آهن مزدور جو وڏي ۾ وڏي مئلو مهانگائي آهي هر حڪومت اچڻ واري مزدورن لاءِ ڪجھ به ناهين ڪري سگهي مزدورن جو ملڪ جي معيشت ۾ وڏو هٿ آهي نوجوان هٿن ۾ ڊگريون کڻي بي روزگار گهمي رهيا آهن هو بي روزگاري کان تنگ اچي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن اسان جي سپني مزدورن جا حالات شڪاگو جي مزدورن کان به وڌيڪ خراب آهن هنن چيو ت اسان کان ڪيترائي ڪلاڪ ڪم وڌيڪ ورتو وڃي ٿو جيڪو اسان سان ناانصافي آهي ان جو معاوضو نٿو ڏنو وڃي وقت جي حڪمرانن کان مطالبو ڪيون ٿا وقت جي حساب سان مزدورن جي اجرت ۾ اضافو ڪيو وڃي جيئن ت مزدور کي رليف ملي سگهي سنڌ ترقي پسند پارٽي ب مزدورن جي ڏينهن تي احتجاج ڪندي وريس ڪلب آڏو چيو ت موجود حڪومت سنجيدگي جو مظاهرو ڪري ت مزدورن کي پنهجا حق ملي سگهن ٿا پر هو مزدورن جي حقن جي لتاڙ ڪن ٿا جنهن سبب ڏينهون ڏينهن مزدور طبقو مٿلن جي ورجڙهي ٿو

بقايا | سنڌيار | 16

هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سوين پورهيتن ۽ نوجوانن شرڪت ڪئي خاص ڪري هائويز ايمپلائز يونين سنڌ ، واپڊا هيڊرو يونين پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن ، تعلقا ميونسپل ايمپلائيز يونين دادو ، روڊوا رڪشا يونين شامل رهيون. پورهيت اڳواڻن چيو ته شڪاگو جي پورهيتن جيڪي قربانيون ڏنيون هيون اهي ساڳيا مسئلا اڄ به پورهيتن کي درپيش آهن هنن چيو ته انهن مسئلن مان مکيه مسئلا ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ، بيروزگاري، غربت، لاعلاجي ۽ تعليم جي اٿهوند آهي هنن وڌيڪ چيو ته اهي سمورا سماجي مسئلا موجوده سرمائيداري نظام جي ڪري آهن ان ملڪ جي سمورن هارين ، مزدورن شاگردن ۽ بيروزگارن کي متحد ٿي پورهيتن جو سوشلسٽ انقلاب ڪرڻو پوندو تڏهن ئي مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي ٿو پروگرام کي محمد موريل پنهور، ضمير ڪوريجو ، راجا رفيق پنهور ، محمد وريل ميراڻي ، الطاف حسين ٻلو ، انور پنهور ، زمان الله پنهور ، غلام مرتضا پنڊ ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا | سنڌيار | 17

تي عبدالرشيد لُنڊ چيو ته شڪاگو جي شهيدن جي گرم رت پورهيتن کي ملندڙ گهٽ اجرت ۽ وڌيڪ وقت محنت ڪرڻ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان باوجود هن سماج ۾ پورهيتن سان بيجرابيون ٿينديون رهن. پورهيت سماج جو اهم رڪن آهي اسلام ۾ به پورهيت کي جلد ۽ وڌيڪ اجورو ڏيڻ جو چيو ويو آهي. هُن چيو ته اسان کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ گهرجي. خاڪروب عملوئي اسان گند کان صاف ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجو جسم ۽ ڪپڙا خراب ڪن ٿا. اسان سندس پورهئي کي قدر جي